REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 14 جنوري 2024ع بمطابق 02 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 229

ليول پليئنگ فيلڊ ملي يا نه، پنهنجو بندوبست ڪري چڏيندا آهيون: بلاول

هڪ جيل کان بچڻ چاهي ٿو پيو جيل مان نڪرڻ چاهي ٿو، اسان جي ۽ ٻين جماعتن جي نظريي ۾ فرق آهي، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيا آهيون

اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملي يا نه ملي، اسان پنهنجو بندوبست ڪري چڏيندا آهيون، ڪوشش آهي ته پيپلز پارٽي جو وزيراعظم بڻي

شڪار جي مند آهي ۽ اسان کي شينهن جو شڪار ڪرڻو آهي، شينهن جو شڪار بيٺ نه تيرسان ٿيندو آهي، اسان ئي ميدان ۾ آهيون، اسان جو ڪو ذاتي مقصد ناهي

سياسي جماعتون اشرافيا جي نمائندگي ڪنديون آهن، انهن کي رڳو ڪرسي جو شوق آهي، اسان جو مقابلو ڪنهن سياسي جماعت سان نه پر بي روزگاري، غربت ۽ مهانگائي سان آهي

اڄڪلهه چونڊن جي مند آهي، مان لاهور مان چونڊ وڙهي رهيو آهيان، پنجاب جو وڏو وزير جيالو هوندو، پ پ سنڌ، پنجاب سميت سڄي ملڪ مان ڪٽيندي، هي چونڊون ائين وڙهڻيون آهن، جيئن زندگي جو موت جو مسئلو هجي

شير جي شڪار لاءِ بيٺ نه تير استعمال ٿيندو آهي، شڪار جي مند آهي ۽ اسان کي شڪار ڪرڻو آهي، تيرتي ٽپو هڻي ثابت ڪيو ته ڪالهه به ڀٽو جيئرو هوءِ اڄ به جيئرو آهي

ملتان (م ڊ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري دعويٰ ڪئي آهي ته اسان 8 فيبروري تي سرپرائز ڏينداسين. ملتان ۾ ميڊيا سان گالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هڪ جيل کان بچڻ چاهي ٿو پيو جيل مان نڪرڻ چاهي ٿو، اسان جي ۽ ٻين جماعتن جي نظريي ۾ فرق آهي، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيا آهيون جڏهن ته ٻين جماعتون امير ڪي رليف ۽ عوام ڪي تڪليف ڏينديون آهن. ان موقعي تي بلاول 8 فيبروري تي سرپرائز ڏيڻ جي به دعويٰ ڪندي چيو ته اسان کي ليول پليئنگ فيلڊ ملي يا نه ملي، اسان پنهنجو بندوبست ڪري چڏيندا آهيون، ڪوشش آهي ته پيپلز پارٽي جو وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بهاولپور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جلسي کي خطاب ڪندي

پ پ پاران اليڪشن ڪميشن کان ٽڪيٽ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ واڌ جو مطالبو

ڪراچي (م ڊ) پ پ پاران اليڪشن کان ٽڪيٽ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ واڌ جو مطالبو ڪري چڏيو آهي. پ پ اڳواڻ تاج حيدر پاران چيف اليڪشن ڪمشنر کي اهڙو خط لکيو ويو آهي. جنهن ۾ پارٽي ٽڪيٽ جمع ڪرائڻ لاءِ تاريخ ۾ واڌ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. تاج حيدر جي موڪليل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

تحريڪ انصاف کي سرٽيفڪيٽ ان وقت ملي سگهي ٿو جڏهن چونڊون پارٽي جي آئين موجب ٿين: سپريم ڪورٽ

نه آئين نه ئي اليڪشن ايڪٽ اليڪشن ڪميشن کي انٽرا پارٽي چونڊن جي جائزي جي اجازت ڏئي ٿو. چونڊ نشان کي انٽرا پارٽي چونڊون نه ڪرائڻ جي ڪري نٿو روڪي سگهجي :وڪيل

آرٽيڪل 17 ۾ ڏنل حق سياسي پارٽيون ٺاهڻ جو اختيار ڏئي ٿو، سپريم ڪورٽ به آرٽيڪل 17 ۾ جي تفصيلي تشريح ڪري چڪي آهي. اليڪشن هڪ چونڊ نشان تي وڙهڻ سياسي پارٽي جي حق ۾ شامل آهي

سياسي پارٽي کي انٽرا پارٽي چونڊ جي بنياد تي چونڊ نشان کان محروم ڪرڻ آئيڪل 17 ۾ جي پڇڙي آهي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ سان امتيازي سلوڪ رکيو آهي اليڪشن ڪميشن بيٺ جو نشان ڦري ظاهري طور بڻيتي ڪئي آهي

هي چونڊ نشان ڇا هوندو آهي، اسان کي خبر آهي جيڪڏهن ايوب خان جي دور جي ڳالهه ڪريون ته پاڪستان جي سياسي پارٽين جي هڪ تاريخ آهي پيپلز پارٽي کان ماضي ۾ تلوار جو نشان واپس ورتو ويو چيف جسٽس

پيپلز پارٽي پارليامينٽرين بڻجي، هڪ ٻئي سياسي پارٽي مسلم ليگ به اهڙو ئي وقت حڪومت ۾ ڪير هو اهو به ته ڏسڻو آهي اڄ جي ۽ ان وقت جي صورتحال ۾ تمام وڏو فرق آهي

جيڪڏهن پي ٽي آءِ اسٽيبلشمينٽ ۽ اليڪشن ڪميشن تي الزام لڳائي ٿي ته ان جي حڪومت ۾ ڪير هو؟ ڇا پي ٽي آءِ پاڻ چيف اليڪشن ڪميشن کي مقرر نه ڪيو آهي؟ پي ٽي آءِ پنهنجي حڪومت واري اسٽيبلشمينٽ جو ذڪر نٿي ڪري

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ تحريڪ انصاف کي بيٺ جو نشان واپس ڪرڻ تي پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن طرفان داخل درخواست تي لاڳيو ٻڌڻي دوران جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته سرٽيفڪيٽ ان وقت ملي سگهي ٿو جڏهن چونڊون پارٽي جي آئين موجب ٿين. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

غزا: اسرائيل پاران فلسطينين تي ڪيل بمبار جو ڏيک

پي ٽي آءِ اميدوارن کي تحريڪ انصاف نظرياتي جون ٽڪيٽون جاري ڪري چڏيون

گذريل ڏينهن تحريڪ انصاف قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ پنهنجي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو هو

قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي اميدوارن کي تحريڪ انصاف نظرياتي جون ٽڪيٽون جاري ڪيون ويون

پي ٽي آءِ جي موجوده ٽيم ۾ سڀ ڪرپٽ آهن، انهن سان نٿو ڳالهائي سگهان، پي ٽي آءِ باني جي حوالي سان ڪجهه نٿو چوڻ چاهيان : اختر اقبال ڊار

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن لاءِ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي اميدوارن کي تحريڪ انصاف نظرياتي جون ٽڪيٽون جاري ڪري چڏيون. گذريل ڏينهن تحريڪ انصاف قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ پنهنجي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو هو پر اڄ پي ٽي آءِ طرفان جاري ڪيل پٽرائيءَ ۾ ڇپيو ويو آهي ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نوابشاهه: آصفه ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهي آهي

تحريڪ انصاف چونڊ نشان بيٺ جي حقدار آهي: پشاور هاءِ ڪورٽ لڪت ۾ فيصلو جاري ڪري چڏيو

پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ارشد علي 26 صفحن تي ٻڌل لڪت ۾ فيصلو جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته عدلت پاڻ کي ٻن سوالن تائين محدود رکيو

چونڊون خيبرپختونخواهه ۾ ٿيون ۽ اليڪشن ڪميشن صوبي ۾ به آهي اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 209 موجب اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار نه آهن

سياسي پارٽي ٺاهڻ پاڪستان جي هر شهري جو بنيادي حق آهي، سياسي پارٽين کي سازگار ماحول ڏيڻ گهرجي

پشاور: (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن ۽ چونڊ نشان ڪيس جو لڪت ۾ فيصلو جاري ڪري چڏيو آهي پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ارشد علي 26 صفحن تي ٻڌل لڪت ۾ فيصلو جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته عدلت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان (فائل فوٽو)

مون کي خبر ناهي ته ڪنهن کي ٽڪيٽ ملي ڪنهن کي نه: عمران خان جو ناراض ڪارڪنن کي جواب

عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشا خانا ريفرنس ڪيس ۾ وڌيڪ ڏٺ شاهدن جا بيان قلمبند ڪري ورتا

اڊيالا جيل ۾ توشا خانا ريفرنس جي اوپن ٽرائل ٻڌڻي هئي ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪن به اتي پهچي ويا

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ انصاف باني عمران خان ٽڪيٽ نه ملڻ تي ڏانهنڊڙ ڪارڪنن کي جيڪو آهي مون کي ناهي خبر ته ڪنهن کي ٽڪيٽ ملي ڪنهن کي نه. زباني طور ڪيئن ٿو فيصلو ڪري سگهان؟ اسلام آباد جي احتساب عدالت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بئريسٽر گوهر گهرتي حملي جو چئي عدالت مان هليو ويو

هاڻ مون کي خبر ملي آهي ته منهنجي فيملي تي حملو ٿيو آهي :بئريسٽر گوهر

گهران خبر پئي آهي ته 4 گاڏيون آيون هيون، ڪمپيوٽر ڪنيو ويو، منهنجي پٽ ۽ پائٽي کي ماريو پيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران بئريسٽر گوهر عدالت ۾ چيو ته هاڻ مون کي خبر ملي آهي ته منهنجي فيملي تي حملو ٿيو آهي. ان کانپوءِ هو عدالت مان روانو ٿي ويو. بئريسٽر گوهر، علي ظفر سان گفتگو ۾ چيو ته منهنجي پٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

هتي ڪرسي کي ڪا طاقت نه آهي، وزيراعظم نه ملازم هيس: شاهد خاقان

اخلاقي جرئت نه هجي ته سياستدانن کي سياست ڪرڻ جو ڪو فائدو نه آهي، جيئن نواز شريف اقتدار ۾ اچي رهيو آهي مون کي ان سان اختلاف آهي

نواز شريف اسٽيبلشمينٽ کان سواءِ 100 بدران 30 سيٽن تي اچي وڃي پر مورال ڊائون نه ڪري

پاڪستان ۾ ڪرسي کي ڪا طاقت نه هوندي آهي، آئون وزيراعظم نه هيس پر مون کي ملازمت ڏني وئي هئي پي ٽي آءِ جوري ۽ ن ليگ ڏاڙا هٽي اقتدار ۾ رهي آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڪرسي کي ڪا به طاقت نه هوندي آهي ۽ آئون وزيراعظم نه هيس مون کي ملازمت ڏني وئي هئي لاهور جي الحمرا هال ۾ ٿنڊ سان ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مان اهڙيون تڪليفون سڻيون، جن جو تصور ئي نه ڪيو هو: شيخ رشيد

منهنجا گهر ڀڃي پيا، خاندان جي هر فرد سان زيادتي ٿي پر مان ڄمي بيٺس، اڄ به بيٺو آهيان

17 ڀيرا وزير رهيس، ڪجهه ماڻهن ٽڪيٽ جي لائق نه سمجهيو، هن چيو ته مان پنهنجي دوستي نڀائيندس، اصولي ماڻهو آهيان

قوم کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مان امتحان ۾ پاس ٿيس، جهڪيو نا هيان، سندس چوڻ هو ته مان 6، 7 مهينا اهڙن اهڙن علائقن ۾ چلو ڪاٽيو

راولپنڈي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته مان زندگي ۾ ڪيترين ئي تڪليفون سڻيون پر موجوده 6، 7 مهينن ۾ جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

حيدرآباد: انفارميشن جو نگران وزير حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول جو افتتاح ڪندي

ريسڪيو 1122 بحالي کاتي جي ماتحت صوبي جي عوام خاص ڪري ڪراچي شهر لاءِ جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي: مبين جماڻي

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير بلديات، هاءوسنگ، ٽائون پلاننگ ۽ بحالي سنڌ محمد مبين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ملڪ ۾ ٻيا به قابل ماڻهو آهن، نواز شريف آخري اميد ناهي: مفتاح اسماعيل

ٻين سياستدانن سان ظلم ڪرڻ سڀني ڳالهه ناهي، اسحاق ڊار مون تي ٻاهر وڃي تنقيد ڪندو هو

پارٽي کي سوچڻ گهرجي ها ته جڏهن اسحاق ڊار کي مون تي تنقيد جو اختيار آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي ناٽي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته 24 ڪروڙ آبادي ۾ نواز شريف پاڪستان لاءِ آخري اميد ناهي، پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گم ٿيل بلوچ شاگردن جي بازيابي لاءِ حڪومت کي 13 فيبروري جي مهلت ڏئي چڏي

جسٽس محسن اختر ڪيائي گم ٿيل بلوچ شاگردن جي ڪيس تي ٻڌڻي جو لڪت ۾ حڪم جاري ڪري چڏيو

عدالت وفاق کان اينڊڙ ٻڌڻي تي سمورن گم ٿيلن جي گهر پهچڻ جي حتمي رپورٽ طلب ڪري ورتي

بلوچ گم ٿيل شاگردن جي بازيابي لاءِ عدالتي مهلت ۾ 13 فيبروري تائين واڌ ڪئي وڃي ٿي :عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گم ٿيل بلوچ شاگردن جي بازيابي لاءِ وفاقي حڪومت کي 13 فيبروري جي ڊيڊ لائين ڏئي چڏي آهي جسٽس محسن اختر ڪيائي گم ٿيل بلوچ شاگردن جي ڪيس تي ٻڌڻي جو لڪت ۾ حڪم جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سيالڪوٽ: پنجاب جو نگران وزيراعليٰ بزنس فيسليٽيشن جو افتتاح ڪندي

جنهن شهر ۾ سمنڊ آهي اتي پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي: ڪامران تسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو ته جنهن شهر ۾ سمنڊ آهي اتي پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي، جنهن ملڪ کي چڏي آزادي حاصل ڪئي ان جي ايڪسپورٽ سيني جي سامهون آهي، اسان سمورن چئلينجن کي منهن ڏئي سگهون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ دائود يونيورسٽي جي ڊگري ورهائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڌي لاٿ جو امڪان

عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ ۽ ڊالر جي سستو ٿيڻ سبب 16 جنوري کان پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ به وڌي لاٿ جو امڪان

عالمي مارڪيٽ ۾ ٻارڻ جي تيل جي قيمتن ۾ لاٿ ٿي آهي ۽ انٽربينڪ ۾ ڊالر جي مقابلي ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ لاڳيتو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي

گذريل 2 هفتن دوران عالمي سطح تي پيٽرول جي قيمت 84.50 ڊالر في بيرل کان گهٽ ٿي 83 ڊالر في بيرل تي اچي وئي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ ۽ انٽربينڪ ۾ ڊالر جي لاڳيتو سستو ٿيڻ سبب 16 جنوري کان پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ به وڌي لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. رپورٽن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ ٻارڻ جي تيل جي قيمتن ۾ لاٿ ٿي آهي ۽ انٽربينڪ ۾ ڊالر جي مقابلي ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ لاڳيتو اضافو رڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ۾ ڪرسي کي طاقت ناهي هوندي، مان به وزيراعظم نه هئس، نوڪري ڏني وئي هئي: شاهد خاقان

اخلاقي جرئت ناهي ته سياستدانن کي سياست ڪرڻ جو ڪو به فائدو نه آهي. جهڙي طرح نواز شريف اقتدار ۾ اچي رهيو آهي

مون کي ان سان اختلاف آهي. نواز شريف اسٽيبلشمينٽ کان سواءِ 100 جي بجاءِ 30 سيٽن تي اچي پر پنهنجو قد ڪاٺ ڊائون نه ڪري

پاڪستان ۾ ڪرسي کي ڪا به طاقت ناهي هوندي مان وزيراعظم نه هئس پر مون کي نوڪري ڏني وئي هئي پي ٽي آءِ جوري ۽ مسلم ليگ ن ڏاڙهٽي اقتدار ۾ رهي آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڪرسي جي ڪا به طاقت ناهي هوندي مان به وزيراعظم نه هئس پر مون کي نوڪري ڏني وئي هئي. لاهور جي الحمرا هال ۾ ڪوناڀل تقريب ۾ صحافين سان گالهيون ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته اخلاقي جرئت ناهي ته سياستدانن کي سياست ڪرڻ جو ڪو به فائدو نه آهي. جهڙي طرح نواز شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: گورنر پنجاب بليغ الرحمان نيٽرليئنڊ جي سفير سان ملاقات ڪندي

صحت، سماجي پلاٽي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ رورل ڊولپمينٽ سنڌ جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز قطر اسپتال اورنگي ٽائون ۾ مريضن سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) صحت، سماجي پلاٽي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ رورل ڊولپمينٽ سنڌ جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز قطر اسپتال اورنگي ٽائون ۾ مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ اسپتال ۾ موجود علاج جي سهولتن بابت پڇيو. جنهن تي اسپتال ۾ داخل مريضن توڙي سندن وارثن کي ايم سي انتظاميا پاران اسپتال ٻاهران پارڪنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

چونڊون 2024: ڪير ڪنهن جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهندو، ياسمين راشد ۽ نواز شريف آمهون سامهون

لاهور جي اين اي 117 تان عبدالعليم خان ۽ شاهد عباس زور آزمائي ڪندا، اين اي 127 لاهور تي بلاول ڀٽو ۽ عطا تارڙ آمهون سامهون ٿيندا

اين اي 122 لاهور تان سعد رفيق ۽ لطيف ڪوسو هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندا، اين اي 149 ملتان تان عامر ڊوگر ۽ جهانگير ترين هڪ ٻئي جي آمهون سامهون

اين اي 248 ڪراچي تان خالد مقبول ۽ پيپلز پارٽي جو حسن خان آمهون سامهون ٿيندا، ڪراچي جي اين اي 241 تان فاروق ستار ۽ خرم شير زمان آمهون سامهون ٿيندا

اسلام آباد: (م ڊ) اليڪشن 2024 ۾ ڪير ڪنهن سان مقابلو ڪندو، صورتحال چٽي ٿيڻ لڳي. اين اي 130 لاهور تان نواز شريف ۽ ياسمين راشد آمهون سامهون ٿيندا. لاهور جي اين اي 123 تان شهباز شريف ۽ افضال عظيم آمهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

چيف جسٽس ۽ پي ٽي آءِ جي چيف اليڪشن ڪمشنر ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ

اهي ڳالهيون نه ڪيو ته پارٽيءَ ۾ نوان چهرا ڪيئن آيا. مان پارٽي ۾ 2006 کان آهيان ۽ 3 سال ايڊووڪيٽ جنرل به رهيو آهيان :وڪيل

منهنجو پٽ توهان وٽ ڪلارڪ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آيو، توهان هن کان به پي ٽي آءِ جي باري ۾ سوال ڪيا، مون کي خبر آهي ته مون سان ائين چو پيو ٿئي

اسان سوال سمجهڻ لاءِ ئي پڇندا آهيون، اهڙو رويو رکڻو آهي ته پوءِ اسان ڪيس نه ٻڌون، لاڳيو نشريات هلي رهي آهي ۽ الزام هنيو ويو :چيف جسٽس

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ پي ٽي آءِ جي چيف اليڪشن ڪمشنر نياز الله نيازي وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي آهي. بشاور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18


منظور وساڻ (فائيل فوٽو)

10 ڏينهن انتهائي اهم، منظور وساڻ وڏي اڳڪتي ڪري چڏي

ججن جي استعيفيٰ جو عمل مستقبل لاءِ سٺو نه هوندو، احتساب سيني جو ٿيڻ گهرجي

ن ليگ اڳ جيان مقبول ناهي رهي، ٻين جماعتن جي ناراض ماڻهن جي اچڻ سان پ پ کي فائدو ٿي رهيو آهي

خيرپور (رپورٽر) پ پ اڳواڻ منظور وساڻ چيو آهي ته 10 ڏينهن اهم آهن. ڪجهه به ٿي سگهي ٿو پر اهو ضرور آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون. سياسي اڳڪڻين جي حوالي سان مشهور منظور وساڻ پنهنجي بيان ۾ چيو ته چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آئين ۽ اليڪشن ايڪٽ انٽرا پارٽي چونڊن جو جائزو وٺڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي: پي ٽي آءِ وڪيل

چونڊون هڪ چونڊ نشان سان وڙهڻ سياسي جماعت جي حقن ۾ شامل آهي، اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ سان متعصبي سلوڪ اختيار ڪيو آهي

اليڪشن ڪميشن بيٺ جو نشان ڪسي ظاهري طور بڻيتي ڪئي آهي، پي ٽي آءِ جي ڪنهن به ميمبر انٽرا پارٽي اليڪشن کي چئلينج نه ڪيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي وڪيل علي ظفر سپريم ڪورٽ ۾ اليڪشن ڪميشن جي اپيل تي ٻڌڻي دوران دليل ڏنا آهن ته آئين ۽ اليڪشن ايڪٽ اليڪشن ڪميشن کي انٽرا پارٽي چونڊن جو جائزو وٺڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اليڪشن ڪميشن اي اين پي کي ڏنڊ سان گڏ لالٽين جو نشان ڏئي چڏيو

انٽرا پارٽي چونڊ ڪيس ۾ اي اين پي جي درخواست مڃيندي اليڪشن ڪميشن عوامي نيشنل پارٽي کي لالٽين جو نشان ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

عوامي نيشنل پارٽي اڃان تائين انٽرا پارٽي چونڊون نه ڪرايون جنهن تي اليڪشن ڪميشن اسفنديار ولي کي نوٽيس ڏيڻ جاري ڪيو هو

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ کان به انٽرا پارٽي چونڊن جي معاملي تي چونڊ نشان الاٽ نه ڪيو هو

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن عوامي نيشنل پارٽي کي چونڊن جي لاءِ لالٽين جو نشان ڏئي چڏيو آهي. ان کان پوءِ پي ٽي آءِ کان به انٽرا پارٽي چونڊن جي درخواست مڃيندي اليڪشن ڪميشن عوامي نيشنل پارٽي کي لالٽين جو نشان ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ ذوالفقار مرزا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري چڏي

ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ فهميده مرزا طرفان سندس پٽ حسنين مرزا طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي

ريٽرننگ آفيسر ذوالفقار مرزا ۽ فهميده مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا هئا، اليڪشن ٽريبونل ريٽرننگ آفيسر جو فيصلو برقرار رکيو هو

اليڪشن ٽريبونل اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ سندس مڙس ذوالفقار مرزا جون اپيلون رد ڪندي ريٽرننگ آفيسر جو فيصلو برقرار رکيو هو

ڪراچي (م ڊ) قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ سندس مڙس سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا اليڪشن ٽريبيونل طرفان نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ جي فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: نگران وڏو وزير وڊيولنڪ کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي آبادي 225 ملين آهي جتي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ هن مرض جو تيزيءَ سان پکڙجڻ خطرناڪ آهي: مقبول باقر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزيز (NICVD) ٽنڊو محمد خان ۾ "اسٽروڪ انٽرويشن پروگرام" جو وڊيو لنڪ ذريعي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ اسٽروڪ يونٽن جي ڪوٽ. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پرڏيهه کان اينڊڙ وڏيڪ 3 شهرين ۾ ڪورونا جو نئون قسم هجڻ جي تصديق

قمبر شهدادڪوٽ جو مسافر ۽ مهمند ايجنسي جو جو مسافر جده کان اتر وزيرستان جو رهواسي ابوظهبي کان ڪراچي پهتو هو

متاثر ٿيل مسافرن جو ڪورونا ٽيسٽ امڪاني نشانين کي ڏسندي ڪيو ويو هو

ڪراچي (م ڊ) پرڏيهه کان ڪراچي پهچندڙ 3 وڏيڪ مسافرن ۾ ڪورونا جي نئين قسم جي ايجنسي جو 22 ورهين جو مسافر جده کان جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اڻڄاتل شخص راجا بشارت جي پارٽي ٽڪيٽ ڪسي فرار

راولپنڈي ۾ شڪي شخص اين اي 55 جي آر او واحد ڊوگر جي اسٽاف کان فائل ڪسي فرار ٿيو

وڪيل احمد راجا ايڊووڪيٽ ٻڌايو ته اسان مڪمل فائل آر او واحد ڊوگر جي اسٽاف ميمبر رحيد کي جمع ڪرايو

راولپنڈي (م ڊ) اڻڄاتل شخص اڳوڻي صوبائي وزير راجا بشارت جي پارٽي ٽڪيٽ ڪسي فرار ٿيو راولپنڈي ۾ شڪي شخص اين اي 55 جي آر او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، 4 دهشتگرد مارجي وڌا

اتر وزيرستان ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ گڏجهي اطلاعن تي آپريشن ڪيا وڃن :آءِ ايس پي آر

اتر وزيرستان جي علائقي ميرعلي ۾ دهشتگرد ڪمانڊر تيسر عرف قادرمان ۽ ساٿي ساجد عرف سرڪنڊي مارجي وڌا

راولپنڈي (م ڊ) خيبر پختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ٻن مختلف ڪارروائين ۾ 4 دهشتگرد مارجي وڌا آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حمزا شهباز گروپ چونڊ ميدان کان ٻاهر

ڏکئي وقت ۾ پارٽي جو ساٿ ڏينڊڙ ميمبرن کي ٽڪيٽون جاري ناهن ڪيون ويون

اختر حسين، حشمت علي شاهه، عمران علي، خرم روحيل اختر به ٽڪيٽ حاصل نه ڪري سگهيا

حمزه شهباز (فائل فوٽو)

لاهور (م ڊ) ن ليگ ۾ ٽڪيٽن جي ورهاست جي معاملي تي حمزا شهباز گروپ چونڊ ميدان کان ٻاهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جنهن شهر ۾ سمنڊ آهي اتي پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي: ڪامران تسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزا ۾ اسرائيلي جارحيت، وڏيڪ 151 معصوم فلسطيني شهيد

وحشيائن حملن ۾ وڏيڪ 151 معصوم فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن

بمباري سبب انٽرنيٽ ۽ ٽيلي ڪام سروس به معطل آهي

غزا ۾ اسرائيلي جارحيت جاري آهي. وحشيائن حملن ۾ وڏيڪ 151 معصوم فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن. بمباري سبب انٽرنيٽ ۽ ٽيلي ڪام سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پرويز الاهي جي اپيل رد، گهرواري کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ قائم اليڪشن رٽ پٽيشنز تي فل بئنچ ٻڌڻي ڪئي

پرويز الاهي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ ويو ته ڪيس حراست ۾ ورتو ويو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف اپيل رد ڪري چڏي پر قيصره الاهي کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ليبيا سائيڊنگ سبب 18 ڄڻا اجل جو شڪار، ڪيترائي زخمي

ميڊيلن ۽ ڪويڊ جو شهر کي ملائيندڙ روڊ کي عارضي طور بند ڪيو ويو آهي

نيويارڪ سميت 12 رياستن ۾ چارلڪ کان وڏيڪ گهرءِ ڪاروباري مرڪز بجلي کان محروم ٿي چڪا آهن

ڪولمبيا (م ڊ) ڏکڻ آمريڪي ملڪ ڪولمبيا ۾ ليبيا سائيڊنگ سبب 18 فوت جڏهن ته ٽيهه کان وڏيڪ زخمي ٿي پيا. جن کي اسپتال منتقل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: بيچ ريو پارڪ ڪلفٽن ۾ ايٽ فوڊ فيسٽيول ۾ شهري شريڪ آهن

ڏهرڪي ۽ ميرپوماٽيلو جي آزاد اميدوار سردار نادر اڪمل خان لغاري جي فرزند پاران دورا

سردار اڪمل خان لغاري باگو پٽو ميرپور ماٽيلو ڳوٺ قالو سيال ۽ ٻين هنڌن تي پهچي عذرخواهيون ڪيون

غلام سرور سيال، عطا حسين سيال، نظر محمد ٽانوري، غلام حيدر ٽانوري ۽ باگو پٽو پهچي عذرخواهي ڪئي

منهنجو والد سردار نادر اڪمل خان لغاري پنهنجي تڪ جي عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ چاهي ٿو: اڪمل لغاري

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) صوبائي تڪ ڏهرڪي ۽ ميرپوماٽيلو جي آزاد اميدوار سردار نادراڪمل خان لغاري جي فرزند پاران مختلف علائقن جا دورا . سردار اڪمل خان لغاري باگو پٽو ميرپور ماٽيلو ڳوٺ قالو سيال ۽ ٻين هنڌن تي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

تنڊو غلام حيدر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جو زهريلو وڪرو عروج تي پهتل

ايس ايچ او مويا لڪين روپيا هفتو وصولي ڪرڻ بعد مڪمل خاموش تماشائي بڻيل آهي : ذريعا

نئون نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو، والدين سخت پريشان آهن پر پوليس خاموش بڻيل آهي

تنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) تنڊو غلام حيدر جي مويا شهر ۽ ان جي پسگردائي وارن علائقن ڳوٺن ۾ منشيات جو زهريلو وڪرو عروج تي پهتل ذريعن موجب ايس ايچ او مويا لڪين روپيا هفتو وصولي ڪرڻ بعد مڪمل خاموش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نٽو: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو

ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته پنج سال کان گهٽ عمر جو ڪوبه ٻار پوليو جي قڙا پيارڻ کان هرگز نه رهجي : ڊي ايچ او

فنگر مارڪنگ احتياط سان ڪيو وڃي ته جيئن ٽيمن کي صحيح عدد و شمار ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه پريشاني نه ٿئي

پنهنجو ٻار سمجهي مهم کي قومي فريضي طور انجام ڏنو وڃي ته جيئن هن ملڪ کي خطرناڪ بيماري کان پاڪ ڪري سگهجي

نٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ضلعي جي مختلف علائقن ، ٽرانزٽ و فڪسڊ پوائنٽس ، مختلف بنيادي و ديهي صحت مرڪزن ۽ اسپتالن جو اوچتو دورو ڪري هلندڙ پوليو مهم جو جائزو ورتو. هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نٽو : ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي

نٽي جي هڪ قومي ۽ ٽن صوبائي سيٽن تي 32 اميدوار هڪبئي جي سامهون بيٺل

پ پ جو صادق علي ميمڻ، ن ليگ جو وڏيرو رسول بخش جاڪرو، جماعت اسلامي جو ڊاڪٽر امتياز پالاري ۽ پيا شامل

پي ايس 75 نٽوون تي 12 اميدوار بيٺل. پ پ پ اميدوار سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ پيا پڻ اميدوار هوندا

جماعت اسلامي جو محمد علي خٽڪ، سعيد الرحمان، پي ٽي آءِ جو مير مرتضيٰ، الطاف حسين ڪچي ۽ رياض ميربحر آهن

نٽو (ٻر) 8 فيبروري تي پوري ملڪ اندر ٿيندڙ عام چونڊ ۾ ضلعي نٽي جي هڪ قومي ۽ ٽن صوبائي سيٽن تي اليڪشن وڙهندڙ اميدوارن پاران هٿ کڻڻ جي آخري ڏينهن تي هٿ کڻڻ باوجود تنهي تڪن جي رٽرننگ آفيسرن پاران جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز سول اسپتال جي ڊاڪٽر معراج رسول لاشاري جي موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ خلاف مظاهرو

نادرا آفيس سامهون موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ خلاف سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرامڊيڪل عملي ڪم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ضلعي اندر بدامنيءَ جي ٻاهه پڙڪي رهي آهي ۽ ڪوبه ماڻهو محفوظ نه رهيو آهي سيڪيورٽي ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن : مظاهرين جون ڏانهون

جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ڪرائي وئي ته سڄي سنڌ ۾ پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج جو سڏ ڏيندو ويندو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز سول اسپتال جي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر معراج رسول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز سول اسپتال جي ڊاڪٽر معراج رسول لاشاري جي موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پ پ کي شهدادڪوٽ پي ايس 14 تي جهٽڪو: مظفر علي بروهي پاران نادر خان مگسي آڏو بيهڻ جو اعلان

مظفر علي بروهي اڳوڻي پ پ ايم پي اي مير نادر خان مگسي کي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ تان ڪاوڙجي اعلان ڪيو

جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تان پيپلزپارٽي جي اميدوار مير نادر خان مگسي سان مقابلي ۾ بيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

قبو سعيد خان ڪچي پل ، شهدادڪوٽ سميت ٻين علائقن کي ٻوڙائڻ جو ذميوار عوام نادر خان مگسي کي قرار ڏنو

شهدادڪوٽ : (رپورٽر) پيپلزپارٽي شهدادڪوٽ پي ايس 14 تي وڏو جهٽڪو پيپلزپارٽي ۾ 2 سال اڳ شموليت ڪندڙ جي ڊي اي اڳواڻ مير مظفر علي بروهي اڳوڻي پ پ ايم پي اي مير نادر خان مگسي کي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو پرسان ڳوٺ ملو محمد رمضان سولنگي ۾ قتل ٿيل نويد احمد جي وارثن پاران احتجاج

پينرن مومل، سومل طاهره، طاهره سولنگي ۽ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

عرف خدو سولنگي ۽ سالين مينا ۽ زرينه سولنگي گهر اندر پڪڙي بيدردي سان قتل ڪيو: پينرون

اسان جي ٻاءُ کي امڙ جي جماڻي تي قتل ڪري اسان جو واحد سهارو ڪسيو آهي، جاچ ڪرائي وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ ملو محمد رمضان سولنگي ۾ 15 ڏينهن اڳ زال، سالين، سالين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو پرسان ڳوٺ ملو محمد رمضان سولنگي ۾ قتل ٿيل نويد احمد جي وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو

پيپلزپارٽي پاران ملير جي يوسي پينس ڪالوني ۾ عوامي جلسو، ڪارڪنن پاران شرڪت

ايم اين اي ۽ اين اي 230 ملير جي اميدوار سيد آغا رفيع الله، پي ايس 86 جو اميدوار شريڪ ٿيا

بازار ۾ ڪجهه ماڻهو نئون منجن وڪرو ڪري رهيا آهن جيڪي ماڻهن کي دوکو ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

ملڪ طارق اعوان ، جاويد تاج، رسول خان پٽو، ذوالفقار تالاڻي، بلاول تالاڻي، جبار تالاڻي، دلمراد حمايتي شريڪ

ملير (ٻر) پيپلزپارٽي پاران ملير جي يوسي پينس ڪالوني ۾ عوامي جلسو ٿيو جنهن ۾ ڊپٽي ميئر ڪراچي ۽ پيپلز پارٽي ملير ضلعي جي صدر سلمان عبدالله مراد، اڳوڻي ايم اين اي ۽ اين اي 230 ملير جي اميدوار سيد آغا رفيع الله، پي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهرو فيروز وارا وڏيڪ لٽجي ۽ ڦرجي ويا، پوليس خاموش

مٽياڻي روڊ تان ممتاز پرٽ جي واڙي تان 2 پلي نسل جون مينهون چور ڪاهي ويا

پوليس هٿ سان چوريون ڪرائي چورن ۽ ڦورن حصو پتيون وٺن پيا : رهواسي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز وارا وڏيڪ لٽجي، ڦرجي ويا. مهراڻ ٽائون مٽياڻي روڊ تان ممتاز پرٽ جي واڙي تان 2 پلي نسل جون مينهون چور ڪاهي ويا. سول اسپتال جي ڊاڪٽر معراج لاشاري جي سي ڊي موٽرسائيڪل نادرا آفيس اڳيان چاهي چور ڪاهي ويا. مٽياڻي روڊ تان منظور سيال جي موٽرسائيڪل چور ڪاهي ويا. نوشهرو فيروز ٽاروشاهه روڊ تان ٽائي ميمڻ جي بيڪري جا تالا ٽوڙي چور 4 سولرپليٽون 2 بيٽريون، 5 ڪتا ڪنڊ ۽ روڪ رقم ٻهاري ويا. سيٺ اياز ڏنگراڻ جي دڪان جا تالا ٽوڙي سامان لٽيو ويو. مٽياڻي روڊ تي ايس ڊي او سبيڪو آفيس پرسان حاجي عبداللطيف وڳڻ جي اتي جي چڪي مان بيٽريون، روڪ رقم چوري ڪري سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سنڌ ابڙا ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران رستم علي ابڙو کي پروموشن ملڻ تي مبارڪون

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ابڙا ويلفيئر ايسوسيئيشن ساوا ضلعي جي جنرل سيڪريٽري يونس علي ابڙو، سٽي صدر نظر حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

تنڊو محمد خان ۾ اسٽروڪ انٽرونيشن پروگرام ايس آئي سي وي ڊي پروگرام جو افتتاح

ملڪ ۾ فالج جي علاج جي سخت ڪوٽ برقرار آهي، ملڪ ۾ فالج جو ريشو تمام گهٽو آهي : رٽائرڊ جسٽس مقبول باقر

مريضن جي تعداد ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ۽ خاص طور تي نوجوانن ۾ اهو مرض تيزي سان ڦهلجي رهيو آهي

2021 ۾ فالج جي علاج لاءِ باقائدا ڪم شروع ڪيو، گذريل ٻن سالن ۾ فالج جي 4 هزار کان مٿي مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي

تنڊو محمد خان (ڊ ر) اين آئي سي وي ڊي ڪراچي ڪانپو، تنڊو محمد خان ضلعي ۾ فالج جو مفت علاج ڪرڻ جو اعلان ڪندي اسٽروڪ انٽرونيشن پروگرام ايس آئي سي وي ڊي پروگرام جو افتتاح ڪيو ويو آهي . تنڊو محمد خان جي اين آئي سي وي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سانگهڙ پوليس جون ڪاروايون، چوري ٿيل رڍن جي برآمدگي لاءِ ڪاهي پوليس جو ڇاپو

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ضلعي پوليس جون ڪاروايون، چوري ٿيل رڍن جي برامدگي لاءِ ڪاهي پوليس جو ڇاپو لڪين روپين جون چوري ٿيل رڍون هٽ ڪري اصل مالڪ جي حوالي ڪيون ويون. ڏاڙي جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار گرفتار. شراب ناهڻ واري ٻٽي تي ڇاپو ۽ شراب وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي، 130 ليٽر کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جان محمد جي قتل معاملي تي پ پ قيادت صحافين سان گڏ آهي: ناصر حسين شاهه

جان محمد مهر تي حملي جي جيئن ئي خبر پئي اسان متحرڪ ٿي ويا هئاسين ۽ هدايتون ڏنيون

اسان صحافت جي آزادي جا قائل آهيون ، هر وقت جان محمد مهر لاءِ آواز اٿاريو آهي، صحافي پائٽر آهن

اسان قانون کي ڪچلڻ وارن سان مهاڏو وانڪايو آهي اسان هميشه انهن جي سامهون مضبوط پٽ ٿهنداسين

سڪر : ناصر حسين شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) : پ پ اڳواڻ سيد ناصر حسين شاهه سڪر جرنلسٽ ڪنونيشن کي خطاب ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جي قتل واري معاملي تي پ پ قيادت اوهان سان گڏ آهي جان محمد مهر تي حملي جي جيئن ئي خبر پئي اسان متحرڪ ٿي ويا هئاسين ، ۽ م پ پ چيئرمين جي هدايتن تي اسان ايئر ايمبولنس جي بندوبست ۾ لڳل هئاسين ته جان محمد مهر اسان کان وڇڙي ويو، هن چيو ته اسان صحافت جي آزادي جا قائل آهيون ، هر وقت جان محمد مهر لاءِ آواز اٿاريو آهي ، پ پ جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه سڪر پريس ڪلب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پٽائيءَ هر دور جي نمائندگي ڪندڙ قومي انقلابي شاعر آهي: سنڌ جا ليکڪ ۽ اديب

پٽائيءَ سجاڳ ٿي مٿي ٺاهڻ جي سار لهڻ توڙي ڪوڙ ۽ ڪروڙ خلاف جدوجهد ڪرڻ جو درس ڏنو

قومي شاعرن، روايتن ،قومي قدرن ثقافتي ريتن رسمن توڙي پنهنجي تاريخ کي زنده رکڻ لاءِ ضروري آهي

سنڌ جي سمورن سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن ۽ ڌرين کي پڻ پٽائيءَ جو جنم ڏينهن ملهائڻ تي زور ڀريو

غلام الله (رپورٽر) سنڌ جي سڄاڻ ليکڪن اديبن، سياسي، سماجي اڳواڻن چيو آهي ته پٽائيءَ هر دور جي نمائندگي ڪندڙ قومي انقلابي شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ غفلت جي ننڊ ستل قومن ۽ ماڻهن کي سڄاڳ ٿي پنهنجي مٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پ پ اڳواڻ مظفر بروهي پيپلز پارٽي کان لاتعلقي جو اظهار ڪري ڇڏيو

مظفر بروهي پيپلز پارٽي جي اميدوار مير نادر مگسي سامهون اليڪشن ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪيو

مير نادر مگسي ۽ بلاول پٽو زرداري شهدادڪوٽ جي تباهي جا ذميوار آهن : مظفر بروهي

شهدادڪوٽ نه پر سموري سنڌ جي بدقسمتي آهي جو پ پ سامهون مضبوط اپوزيشن نه آٽي سگهيا آهن

شهدادڪوٽ (ڊ ر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ مير مظفر بروهي پيپلز پارٽي کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي پيپلز پارٽي جي اميدوار مير نادر مگسي سامهون اليڪشن ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪيو. مير نادر مگسي ۽ بلاول پٽو زرداري شهدادڪوٽ جي تباهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارهه ۾ هڪ سال اڳ بيگناه قتل ٿيل علي احمد بروهي جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو

هن وقت تائين مقتول جو لاش به وارثن کي نه ملي سگهيو، امڙ نوريبي قرآن پاڪ ساڻ ڪري مولوي ميرحسن بروهي وٽ ڏانهن ڪٽي پهتي

امڙ سان ظلم ٿيو آهي جيڪر نابرداش جهڙو آهي بيگناه قتل ڪري لاش گم ڪري وحشي ظالم ٿيڻ جو ثبوت ڏنو اٿن : مولوي ميرحسن بروهي

مظلوم امڙ جو نوجوان پٽ بيگناه قتل ڪري بادي گم ڪري ڇڏي اٿن، قتل ٿيل نوجوان علي احمد جي بادي ظاهر ڪرائي وارثن کي ڏني وڃي

وارهه ۾ هڪ سال اڳ بيگناه قتل ٿيل علي احمد بروهي جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو ، ڏاهينڊي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ هڪ سال اڳ بيگناه قتل ٿيل علي احمد بروهي جي خون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانپور ۾ بدامني جو اوج برقرار، گهر مان چوري پلوڙ مينهن چوري ڪري ويا

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ۾ بدامني جو اوج برقرار. خانپور شهر سومرا پاڙي پرسان عمران سيڌار جي زمين ۾ لڳل پاڻي وارو موٽر ،رحيم آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور پوليس ۽ رينجرز پاران گڏيل آپريشن، هرڪجي اغواٽي ويل نوجوان بازياب

ٻه مهينا اڳ عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغواٽي ويل شڪارپور شهر واسي زوهيب سومرو کي ڏوهارين هٿان بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

سرچ آپريشن دوران ڪيس ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان بازياب ڪرائي سنڌس جي وارثن حوالي ڪيو ويو

انٽيليجنس بيسڊ تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪاروائن وارو عمل جاري آهي، ڏوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو : ايس ايس پي شڪارپور

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ويجهو نابر ڪوٽ ٽائي جي حد ڳڙهي تيغو جي ڪچي واري علاڪي ۾ شڪارپور پوليس ۽ رينجرز جي گڏيل آپريشن ۾ مهينا اڳ عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغوا ٿي ويل شڪارپور شهر واسي زوهيب سومرو کي ڏوهارين هٿان بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ، تفصيل موجب پوليس موجب شڪارپور پوليس ۽ رينجرز جو خانپور جي ڪچي واري علاڪي ڳڙهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسان عوام جي خدمت ڪئي آهي وري به موقعو مليو ته عوام جي خدمت ڪبي: علي نواز شاهه

ڊگهڙي ۾ عام چونڊن جي حوالي سان اميدوارن پاران ورڪ شروع. مختلف علائقن جا دورا ڪيا ويا

قومي تڪ اين اي 212 تي آزاد اميدوار سيد علي نواز شاهه ميرواه گورچاڻي کان نڪتل ريلي شهر پهتي

دوري دوران احسان جروار، ممتاز جروار، محمد علي ڪلوئي، سيد جمال شاهه چوڌري احسن گل، رازق ڏنو شريڪ

نٽون ڪوٽ (رپورٽر) اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي وري به موقعو مليو ته عوام جي خدمت ڪبي ڇڏهن ته پندرنهن سال دوران حڪومت ۾ رهندڙ هن تڪ جا چونڊيل نمائندا غريب پورهيت عوام جي بارن کي اسڪول جي بلڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گلاب لغاري پوليس هٿان هڪ ڳوٺاڻي جي گرفتاري خلاف احتجاج

رميش ميگهواڙ کي مبيناطور منشيات فروشي جي الزام هيٺ گرفتار ڪرڻ خلاف وارثن احتجاج ڪيو

نوجوان بس هلائيندو آهي پوليس اسان جي نوجوان کي بيگناه گرفتار ڪري پئسا به ڦر ڪيا آهن : مظاهرين

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پوليس جي اهلڪارن پاران شهر جي ميگهواڙ پاڙي جي رهواسي رميش ميگهواڙ کي مبيناطور منشيات فروشي جي الزام هيٺ گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪرڻ خلاف وارثن پلو مينگهواڙ لڪو ۽ ملو مينگهواڙ پاران عورتن ۽ ٻارڙن سميت ٽائي جي گيٽ اڳيان احتجاج وارثن جو چوڻ هو ته نوجوان بس هلائيندو آهي پوليس ڪين بيگناه گرفتار ڪري پئسا به ڦر ڪيا آهن وارثن جو ميڊيا آڏو پوليس تي الزام ، بيگناه گرفتار ڪيل رميش کي آزاد ڪيو وڃي پي صورت ۾ وڏيڪ احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کي منشيات رکڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو آهي.

گلاب لغاري پوليس هٿان هڪ ڳوٺاڻي جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو

پي ايس 75 نٽو تي ٻيٽل ٻن آزاد اميدوارن ديدار حسين ۽ ميوو شورو پاران هٿ کڻڻ جو اعلان

نٽو (رپورٽر) پي ايس 75 نٽو تي ٻيٽل ٻن آزاد اميدوارن ديدار حسين شورو ۽ ميوو شورو پ پ پ جي نامزد اميدوار سيد رياض حسين شاهه شيرازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهرو فيروز ۾ بدامني چوريون فرون تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، ميڊيڪل آفيسر جي گاڏي چوري

موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ خلاف سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرامڊيڪل عملي ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي وئي

پيرامڊيڪل اڳواڻن ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر ڊاڪٽر نور حسين مُورو ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي احتجاج ڪيو

سيڪيورٽي ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن اسپتال مان سوين ماڻهن جون گاڏيون چوري ٿينديون رهيون آهن: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهرو فيروز شهر ۾ بدامني چوريون فرون تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو ايس ايچ او عبدالخالق شاهه جي اڄڻ کان پويي هر روز ڏينهن توڙي رات ۾ چورين ٿيڻ سميت چاهي چور سرگرم سول اسپتال نوشهروفيروز جي ميڊيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڪر هاءِ ڪورٽ ۾ سڪندر ڏهراج ۽ ٻين جي داخل ڪيل پٽيشن تي ايڊيشنل رجسٽرار کي ڪمشنر اپائنٽ ڪري ڇڏيو

نارو شاهه (رپورٽر) سڪر هاءِ ڪورٽ ۾ سڪندر ڏهراج ۽ ٻين جي داخل ڪيل پٽيشن تي ايڈيشنل رجسٽرار کي ڪمشنر اپائنٽ ڪري ڇڏيو ته سز زمين تي وڃي جائزو وٺي قبضي جي تصديق ڪري ڪورٽ ۾ رپورٽ فائل ڪر. جيڪو اڄ مختيارڪار ڪنڊيارو ڊي ايس پي ڪنڊيارو ايس ايچ او محبت ديرو ۽ ايس ايچ او خانواهڻ ايس ايچ او ڪنڊيارو ايس ايچ او پاڪو ديرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانپور مهر لڳ پسند جي پرٽي معاملي تان فائرنگ، نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

نظر علي گاڏاڻي واسي ناري شاهدان گاڏاڻي ڪيرڙ داد گاڏاڻي واسي نوجوان سان شادي ڪئي

پسند جي پرٽي واري معاملي تان ناري واري جي ماڻهن نوجوان واري ڌرمتان فائرنگ ڪري ڏني

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر لڳ پسند جي پرٽي معاملي تان فائرنگ، نوجوان زخمي اسپتال منتقل خبر موجب خانپور مهر ٽائي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ماٽلي ۾ واپارين پاران ڪاڏي پيتي جي شين جا هٿ ٽرڪيا ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا

هڪ هلي قائم ڪندي ڪاڏي پيتي جي شين جا اگهه پنهنجي مرضي جا مقرر ڪري ڇڏيا

اگهه وصول ڪرڻ جو پابند بڻائي غريب طبقي کي به ويلا پيٽ پري ڪائڻ جو حق ڏنو وڃي: شهري

ماٽلي (رپورٽر:) ماٽلي ۾ واپارين پاران ڪاڏي پيتي جي شين جا هٿ ٽرڪيا ريٽ مقرر ڏاڙي دار طبقي جا بئي هٿ مٿي تي اچي ويا تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪڍڻ ۾ پير حاجي احمد زمان قريشي صديقي نقشبندي جو عرس ملهايو ويو

پاڪ فوج ۽ وطن عزيز جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

الله جي ولين جي آستاني تي حاضري ڏيڻ سان روحاني سڪون ملي ٿو : اڳواڻ

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) درگاهه عاليه لواري شريف جي چهين سجاده نشين حضرت امام العارفين خواجه پير حاجي احمد زمان قريشي صديقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪڍڻ ۾ پير حاجي احمد زمان قريشي صديقي نقشبندي جو عرس ملهايو ويو

غوثپور پرسان وڏتنڌر بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو

ڦر۽ روڊ ڪرائيم تي ڪنٽرول نه ٿيڻ سبب خلق جون نندون حرام ٿي ويون

واپاري ڪوڙو ملڪ ۽ سندس ٻن ساٿين کان هٿياربند ڦر ڪري ويا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان جمال ٽائي جي حد ۾ وڏتنڌر بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو. ڦر۽ روڊ ڪرائيم تي ڪنٽرول نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سهراب ڳوٺ ٽائون يوسي 5 وزير بروهي ڳوٺ ۾ سرڪاري اسپتال جو بنياد رکيو ويو

پ پ اڳواڻن پاران ڳوٺ ٽائون يوسي 5 وزير بروهي ڳوٺ ۾ سرڪاري اسپتال جو بنياد رکيو ويو

غلام المصطفي مستوئي مبارڪ بادائي محبوب ملڪاڻي معشوق بروهي ۽ پيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون يوسي 5 وزير بروهي ڳوٺ ۾ سرڪاري اسپتال جو بنياد رکيو ويو تفصيل موجب سهراب ڳوٺ ٽائون يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جوهر ڪامپليڪس يونين جو صدر رياض مگريو تشدد جو نشانو بڻايو: غلام مصطفيٰ

هٿياربند ماڻهن منهنجي نياڻي سان بداخلاقي ڪرڻ بعد مون کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو

هٿياربند ڇڏيا ويا آهن جيڪي رهائشي ماڻهن سان گهٽي بداخلاقي ۽ زيادتي ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) جوهر ڪامپليڪس يونين جو صدر رياض مگريو ۽ نائب صدر جوهر ڪامپليڪس اندر هٿياربند ماڻهو ويهاري رهائشين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ميهڙ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ٽن ڏينهن جي وقفي بعد هڪ ڀيرو ڀيهر شديد ٿڌ

وقفي بعد هڪ ڀيرو ڀيهر شديد ڪوهيڙو ۽ ٺڌ سبب سردي ۾ اضافو ٿي ويو آهي

ڪارونهوار نه هلي سگهيو ڪوهيڙي جي وڌڻ سان گاڏين جي روانگي پڻ متاثر رهي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ٽن ڏينهن جي وقفي بعد هڪ ڀيرو ڀيهر شديد ڪوهيڙو ۽ ٺڌ سبب سردي ۾ اضافو ٿي ويو ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽاروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي

ارڙي وگهي هڪ ٻارڙو فوت، ڪيترائي ٻار ارڙي وبا ۾ ورتل، صحت کاتي کي به اپاءُ نه ورتا

وڏيڪ گلن جهڙن ٻارڙن جون حياتيون داءُ تي لڳي ويون، فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ٽاروشاهه (رپورٽر) ٽاروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي. ارڙي وگهي هڪ ٻارڙو فوت، ڪيترائي ٻار ارڙي وبا ۾ ورتل. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو باگو پنگريو روڊ تي بس اسٽاپ وريل شاهوٽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ پيرسن زخمي

نئون آباد جو رهواسي پيدل ويندل پيرسن شخص عيسو ولد سومار ملاح سخت زخمي ٿي پيو

موٽر سائيڪل سوار غلام رسول ويندل وريل شاهه کي زخمي حالت ۾ اڊبس اسپتال ريفر ڪيو ويو

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو پنگريو روڊ تي بس اسٽاپ وريل شاهه وٽ تيز رفتار موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ پيدل ويندل پيرسن شخص عيسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

لاڙڪاڻي شهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول علي گوهر آباد جي شاگردن پاران احتجاج

سهولتن جي ڪوٽ ۽ چورين جي وڌندڙ آزار خلاف پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڏڙڻو هنيو

هيڊ ماسٽر سڻير احمد سومرو، اسڪول جي شاگردن زين علي ابڙو، مولا بخش دايو، شاه محمد شريڪ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول علي گوهر آباد جي شاگردن هيڊ ماسٽر سان گڏجي اسڪول ۾ سهولتن جي ڪوٽ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پ پ نوجوانن جي پارٽي آهي جنهن جي اڳواڻي بلاول پٽو زرداري ڪري رهيو آهي: شازيه عطا مري

بهترين پروگرام ترتيب ڏنو آهي جنهن سان نوجوانن کي تعليم ۽ روزگار حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي

مان بلاول پٽو زرداري جي پروگرام کان متاثر ٿي پ پ اميدوار جي حق ۾ دستبردار ٿيس: نجم شاه

سانگهڙ (رپورٽر) پيپلز پارٽي نوجوانن جي پارٽي آهي جنهن جي اڳواڻي نوجوان بلاول پٽو زرداري ڪري رهيو آهي، شازيه عطا مري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 14 جنوري 2024ع

سنڌ ۾ سرڪاري اسڪولن جا لکين ٻار فرنيچر کان محروم !

سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان هڪ انڪشاف ٿيو آهي. جنهن موجب سرڪاري اسڪولن ۾ 12 لک 80 هزار شاگرد جي لاءِ فرنيچر نه آهي. اها ڳالهه سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس دوران آڏو آئي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس صلاح الدين پنهور تي ٻڌل سنگل بئنچ سرڪاري اسڪولن ۾ فرنيچر جي ڪوٽ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران جڊيشل مئجسٽريٽ عمرڪوٽ ۽ سيڪريٽري تعليم رپورٽ پيش ڪئي. ان رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ 12 لک 80 هزار شاگرد زمين تي ويهي تعليم پرائين ٿا.

تعليم واري سيڪريٽري ٻڌايو ته ڪيترائي اسڪول آهن جتي شاگردن لاءِ فرنيچر به موجود ناهي. 4 لک مان 2 لک 80 هزار شاگردن وٽ ويهڻ لاءِ فرنيچر آهي. ان موقعي تي جسٽس صلاح الدين پنهور حڪم ڏنو ته سمورن شاگردن لاءِ 2 مهينن ۾ فرنيچر خريد ڪيو وڃي. 21هين صدي ۾ اسان جا ٻار زمين تي ويهي تعليم چو حاصل ڪري رهيا آهن. هر سال بجيٽ ۾ ڪروڙين ۽ اربين روپيا مختص ڪيا ويندا آهن. پر 12 لک شاگردن لاءِ فرنيچر موجود ناهي.

جڊيشل مئجسٽريٽ رپورٽ پيش ڪندي چيو ته عمرڪوٽ ضلعي ۾ 2400 غير معياري ڊيسڪ فراهم ڪيو ويون آهن. ميزن جي پالش نه ٿيل آهي. ان موقعي تي ٺيڪيدار عدالت کي يقين ڏياريو ته ٻن مهينن ۾ سمورين ڊيسڪون تبديل ڪيون ويندين. عدالت ڪانٽريڪٽر کي ٻن مهينن ۾ وڌيڪ 9 هزار 4 ڊيسڪ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي، معياري مشينري ڊيسڪ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيس. عدالت چيو ته فرنيچر جي جاچ لاءِ سيڪريٽري تعليم ڪميٽي جوڙي، انسپيڪشن بعد ئي اسڪولن کي فرنيچر فراهم ڪيو وڃي. ٺيڪيدار جي رهيل رقم ڪورٽ جي جائزي کان اڳ رقم ادا نه ڪئي وڃي. عدالت سرڪاري اسڪولن ۾ فرنيچر جي ڪوٽ بابت سنڌ جي وڏي وزير کي آگاهه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. درخواستگذار جو چوڻ هو ته ٺيڪيدار وٽ پنهنجو ڪارخانو ناهي ۽ هو مارڪيٽ مان خريد ڪري فرنيچر فراهم ڪري ٿو ڏيو. تندي الهيار، بدين ۾ 18 سئو غير معياري ڊيسڪون ٻڌ فراهم ڪيون ويون آهن. عدالت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

عام طور تي اهڙو انڪشاف ڪنهن عدالت پاران ڪيس هلائڻ وقت سامهون اچن ٿا. جنهن مان پتو پوي ٿو ته عدالت واحد هنڌ آهي جتي انهن ادارن کي آخرڪار سچ ڳالهائڻو پئي ٿو ائين ته نه آهي هن صورتحال کان تعليم جو سيڪريٽري آگاهه نه هوندو پر ان تاحال کو به قدم نه کنيو آهي، جنهن مان هو به ثابت ٿي رهيو آهي ته هن قوم جي معمارن جي لاءِ قائم ڪيل ڪاتي جي ڪامورن جي ڪهڙي نيت آهي. ڪجهه وقت کان اهو اسڪولن ۾ فرنيچر بابت ڪيس عدالت ۾ هلڻ سان ئي اهي ڳالهيون پڌريون ٿي رهيون آهن.

هتي ته ائين گهرجي ته هن ڪيس جو دائرو ٽوروءِ واڌائيندي نه رڳو فرنيچر پر تعليم ڪاتي ۾ ٻين معاملن ۾ جهڙوڪ اسڪولن ۾ ڪورس جي ڪتابن جي مفت فراهمي، اسڪولن جي عمارتن جي ڪم جي معيار جهڙن معاملن کي به شامل ڪري هن ڪيس ۾ تعليم سان لاڳاپيل سمورين معيارن جي پرک ڪئي وڃي ۽ ان موجب هڪ جامع رپورٽ تيار ڪرائي وڃي، جنهن مان اهو پتو پئي ته سنڌ ۾ تعليم جي حقيقي صورتحال ڪهڙي آهي.

اها به اميد ڪجي ٿي ته عدالت هن معاملي ۾ اهڙا مثالي معيار مقرر ڪندي جنهن کي نظرانداز ڪرڻ واري ڪنهن لاءِ ممڪن نه هجي. گڏوگڏ شهرين، تعليم بابت ڪم ڪندڙ ۽ علاقتي جي سياسي سماجي ڌرين کي پڻ هن پاسي ڌيان ڏئي ڪري ڪيس جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ ان موجب سماجي ۾ شاگردن جي بهتري جي لاءِ سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪن، ان سان پڻ ڪافي حد تائين ڪامورن جي غلط عملن کي روڪڻ ۾ مدد ملي سگهندي.

بقايا ✻✻✻ 01

ٻئي پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري چيو آهي ته شڪار جي مند آهي ۽ اسان کي شينهن جو شڪار ڪرڻو آهي. شينهن جو شڪار بيٺ تي تير سان ٿيندو آهي. بهاولپور ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول پٽو زرداري چيو ته اسان ٿي ميدان ۾ آهيون. اسان جو ڪو ذاتي مقصد ناهي. باقي سياسي جماعتون اشرافيا جي نمائندگي ڪنديون آهن. انهن کي رڳو ڪرسي جو شوق آهي. اسان جو مقابلو ڪنهن سياسي جماعت سان نه پر ٻي روزگاري، غربت ۽ مهنگائي سان آهي. هن چيو ته اڄڪلهه جونڊن جي مند آهي. مان لاهور مان چوند وڙهي رهيو آهيان. پنجاب جو وڏو وزير جيالو هوندو. پ پ سنڌ، پنجاب سميت سڄي ملڪ مان ڪنيندي، هي جونڊون ائين وڙهڻيون آهن. جيئن زندگي جو موت جو مسئلو هجي. سنڌس چوڻ هو ته شيرجي شڪار لاءِ بيٺ نه تير استعمال ٿيندو آهي، شڪار جي مند آهي ۽ اسان کي شڪار ڪرڻو آهي، تيرتي ٽيو هتي ثابت ڪيو ته ڪالهه به پٽو جيئرو هو ۽ اڄ به جيئرو آهي.

بقايا ✻✻✻ 02

خط ۾ چيو ويو آهي ته اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جمع ڪرائڻ ۾ ڏکيائون اڃي رهيون آهن. تاريخ وڌاءِ ڪئي وڃي

بقايا ✻✻✻ 03

ٻڌائڻ جو چيو هوان ۾ ڪافي ديرتي وئي جنهن تي چيف جسٽس معذرت به ڪئي. صبح 10 وڳي کان ٻڌڻي شروع ٿي هتي جيڪا وقفي وقفي سان ساڍي ستين تائين جاري رهي. هوڏانهن الڪيشن ڪميشن به چار پيرا جونڊ نشان الاٽ ڪرڻ جي مدت ۾ واڌ ڪندي رهي. پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي اميدوارن کي مختلف حلقن مان مختلف جونڊ نشان مليا آهن. ٻئي پاسي ميڊيا جي رپورٽن مطابق

بقايا ✻✻✻ 04

جي اميدوارن کي تحريڪ انصاف نظرياتي جون ٽڪيٽون جاري ڪيون ويون. پي ٽي آءِ جي ٻڌرائي ۽ موجب سموريا اميدوار تحريڪ انصاف نظرياتي جون ٽڪيٽون آراوز ۽ ڊي آر اوز جي آفيسن ۾ جمع ڪرائيون هوڏانهن نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ نظرياتي جي چيئرمين اختر اقبال ڊار چيو ته پي ٽي آءِ جي موجوده ٽيم ۾ سڀ ڪرپٽ آهن. انهن سان نئو ڳالهائي سگهان. پي ٽي آءِ باني جي حوالي سان ڪجهه نئو چوڻ چاهيان پر اهي سڀ ڪرپٽ آهن هن چيو ته بئريسٽر گوهر جهڙو ڪرپٽ ۽ به نمبر ماڻهو پارٽي تي قابض آهي. ان سان نئو ڳالهائي سگهان.

بقايا ✻✻✻ 05

غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته اخلاقي جرءت نه هجي ته سياستدانن کي سياست ڪرڻ جو ڪو فائدو نه آهي. جيئن نواز شريف اقتدار ۾ اچي رهيو آهي مون کي ان سان اختلاف آهي. نواز شريف اسٽيبلشمينٽ کانسواءِ 100 بدران 30 سيٽن تي اچي وڃي پر مورال ڊائون نه ڪري. هن چيو ته پاڪستان ۾ ڪرسي کي ڪا طاقت نه هوندي آهي. آئون وزيراعظم نه هيس پر مون کي ملازمت ڏني وئي هئي. پي ٽي آءِ جوري ۽ ن ليگ ڏاڙا هتي اقتدار ۾ رهي آهي، ن ليگ سان گڏ آهيان. ان خلاف الڪيشن نه وڙهندس. آئون سياست نه ڇڏي آهي شاهد خاقان عباسي جو چوڻ هو ته عمران خان جي ناڪامي جي پٺيان جوري جي الڪيشن آهي. سنڌس اهو حال جوريءَ جي الڪيشن جي ڪري آهي.

بقايا ✻✻✻ 06

۽ پائٽي کي ماريو پيو وڃي، هاڻ مون کي پٽو پيو آهي ته منهنجي فيملي تي حملو ٿيو آهي. هاڻ گهران خبر پئي آهي ته 4 گاڏيون آيون هيون. ڪمپيوٽر ڪنيو ويو، منهنجي پٽ ۽ پائٽي کي ماريو پيو وڃي ان تي چيف جسٽس چيو ته جيڪو به ٿيو آهي ائين نه ٿيڻ گهرجي ها، چيف جسٽس ايڊيشنل اٽارني جنرل کي روسٽرم تي گهرايو ۽ چيو ته ايڊيشنل اٽارني جنرل صاحب، جيڪڏهن ائين ٿيو آهي ته نه ٿيڻ گهرجي ها. ان تي ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته مان ڏسان ٿو پر بئريسٽر گوهر سپريم ڪورٽ ۾ واپس آيو ته چيف جسٽس سوال ڪيو گوهر صاحب چا پوزيشن آهي؟ جنهن تي هن چيو ته حالتون تمام سنگين آهن. چار گاڏيون ۾ ماڻهو منهنجي گهر آيا. ڪنهن تي اعتماد ناهي. عدالت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته چا ٿيو. چيف جسٽس اٽارني جنرل کي هدايت ڪئي ته هاڻ ئي معاملي کي طئي ڪيو. جنهن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته گهر سيڪريٽري ۽ آءِ جي سان ڳالهه ٿي آهي، اهي پتو ڪري رهيا آهن ته چا ٿيو آهي. چيف جسٽس بئريسٽر گوهر کي ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ چيو ته اڳ ۾ ايڊيشنل اٽارني جنرل کي ٻڌايو. جيڪڏهن ڳالهه نه ٻڌي وڃي ته عدالت کي آگاهه ڪيو. ان تي بئريسٽر گوهر چيو هاڻ ته حد پار ٿي وئي آهي. چيف جسٽس جواب ڏنو ته اسان ايس ايچ او ته ناهيون. جيڪڏهن ان معاملي کي حل نه ڪري سگهون ته توهان اسان کي

بقايا ✻✻✻ 07

جج محمد بشير تحريڪ انصاف باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشا خانا ريفرنس ڪيس ۾ رڌيڪ 5 شاهدن جا بيان قلمبند ڪري ورتا. عدالت وڌيڪ شاهدن کي طلب ڪندي ٻڌڻي 15 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ايڊيالا جيل ۾ توشا خانا ريفرنس جي اوپن ٽرائل ٻڌڻي هئي ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪن به اتي پهچي ويا، هتن ٽڪيٽن جي غير منصفائي ورڇ تي عمران خان سامهون شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. عمران خان چيو ته مون کي ٽڪيٽن بابت مشاورت جي اجازت نه ڏني وئي، مون کي خبر ناهي ته ڪنهن کي ٽڪيٽ ملي ڪنهن کي نه. ساڍا 8 سئو ٽڪيٽن بابت زباني طور ڪيئن ٿو فيصلو ڪري سگهان؟

بقايا ✻✻✻ 08

ٻاڻ کي ٻن سوالن تائين محدود رکيو. پهريون سوال اهو آهي ته پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ٻڌڻ جوڳر آهي؟ ٻيون سوال، ڇا اليڪشن ڪميشن وٽ انٽرا پارٽي چونڊن تي فيصلو ڏيڻ جو اختيار آهي؟ عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته چونڊون خيبرپختونخواهه ۾ ٿيون ۽ اليڪشن ڪميشن صوبي ۾ به آهي اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 209 موجب اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار نه آهن جڏهن ته سپريم ڪورٽ جي فيصلن جي روشني ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان گڏ پشاور هاءِ ڪورٽ وٽ به ڪيس ٻڌڻ جو اختيار آهي عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سياسي پارٽي ڏاهڻ پاڪستان جي هر شهري جو بنيادي حق آهي، سياسي پارٽين کي سازگار ماحول ڏيڻ گهرجي جڏهن ته چونڊ نشان جي تحت چونڊ وڙهڻ جو حق به حاصل آهي. عدالت چيو ته چونڊ نشان جي آئيني حق کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اليڪشن ڪميشن جو فيصلو غيرقانوني آهي پي ٽي آءِ چونڊ نشان جي به حقدار آهي، پي ٽي آءِ جو سرٽيفڪيٽ ويب سائيٽ تي جاري ڪيو ويندو. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته تفصيلي فيصلو وڌيڪ سببن ۽ وضاحت سان ڪڏ بعد ۾ جاري ڪيو ويندو.

بقايا ✻✻✻ 09

ٻيا به قابل ماڻهو آهن، هو منهنجو هيرو آهي ۽ رهندو. الحمراهال ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مفتاح اسماعيل چيو ته ٻين سياستدانن سان ظلم ڪرڻ سلي ڳالهه ناهي. اسحاق ڊار مون تي ٻاهر ريهي تنقيد ڪندو هو. هو نائبي وارو وزير ٿيڻ ته مان به تنقيد ڪئي. پارٽي کي سوچڻ گهرجي ها ته جڏهن اسحاق ڊار کي مون تي تنقيد جو اختيار آهي ته مون کي به آهي. هن چيو پي ٽي آءِ کي نشان نه ڏنو ويو ته چونڊون تڪراري ٿي ويندين، سڀني پارٽين کي چونڊن ۾ ڪلي ڪيڊڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. 2018 جون چونڊون شايد ن ليگ کٽي وڃي ها، ڪجهه ماڻهن پي ٽي آءِ کي سپورٽ ڪيو آسان جا بئٽر لاڳا ويندا هئا. سندس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ باني سياستدانن کي جيل ۾ وڌو، ماڻهن کي بي ڏوهه جيلن ۾ وڌو ويندو هو. شاهه محمود قريشي 70 رڻهين جو آهي، ان سان سنو رتارا نه ڪيو ويو.

بقايا ✻✻✻ 10

تڪليفون سڻيون. انهن جو ڪڏهن سوچيو به نه هو سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ شيخ رشيد چيو ته منهنجا گهر ڇپي پيا، خاندان جي هر فرد سان زيادتي ٿي پر مان جمي بيٺس، اج به بيلو آهيان، 17 پيرا وزير رهيس. ڪجهه ماڻهن ٽڪيٽ جي لاڻ ته سمجهيو هن چيو ته مان پنهنجي دوستي نڀائيندس. اصولي ماڻهو آهيان. قوم کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مان امتحان ۾ پاس ٿيس. جهڪيو ناهيان. سندس چوڻ هو ته مان 7.6 مهينا اهڙن اهڙن علاقتن ۾ چلو ڪانيو. اهڙين غارن ۾ رهيس، جيل ۾ رهيس، جنهن جو تصور نه ڪيو هو پر سچ سان گڏ جيل جيان بيٺو رهيس، عوام جو امتحان باقي آهي.

بقايا ✻✻✻ 11

جماڻيءَ سنڌ حڪومت جي بحالي واري ڪاتي پاران سنڌ صوبي جي رڌيڪ 5 ضلعن کي ميڊيڪل هيلٿ ڪيئر يونٽ حوالي ڪرڻ واري متعدد ٽيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون. نگران صوبائي وزير مبين جماڻي وڌيڪ چيو ته ريسڪيو 1122 بحالي ڪاتي جي ماتحت صوبي جي عوام خاص ڪري ڪراچي شهر لاءِ ڇوڪو ڪم ڪري رهيو آهي اهو نه رڳو ساراهه جوڳو پر هڪ تحفو آهي، اهو سنڌ صوبي جي ماڻهن لاءِ خوبصورت تحفو آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي اندر ڪم ڪيو آهي. پر اسان جن منصوبن جو افتتاح ڪري رهيا آهيون انهن ۾ اڇوڪو پراجيڪٽ به گذريل حڪومت جي منصوبن جو تسلسل آهي. هن چيو ته ڪنهن تي الزام هڻڻ آسان آهي پر اهو ثابت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هن چيو ته نگران صوبائي حڪومت صوبي ۾ پرامن ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي، ان سلسلي ۾ اسان پرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون. تقريب کي سيڪريٽري بحالي پرويز احمد سحر، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي محمد مبين جماڻي چيو ته حادثن جي صورت ۾ پهرين امداد جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. هيلٿ ڪيئر يونٽن پاران سنڌ جي ڏورانهن علاقن ۾ شهرين کي سنڌن ڳوٺن ۽ علاقن تائين مفت آڌ پي ڊي واري سهولت مهيا ڪئي ويندي. هن چيو ته سنڌ جي بحالي واري ڪاتي هيٺ هي هيلٿ ڪيئر يونٽ سنڌ جي عوام جو وڏي خدمت آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته صحت جي شعبي ۾ اڃا گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي نگران صوبائي وزير مبين جماڻي چيو ته سنڌ جو عوام پيئڻ جي صاف پاڻي جي ڪوٽ جي مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي. جنهن سبب اتي هيپاٽائيٽس جو مسئلو سنگين ٿيندو پيو وڃي، جڏهن ته ڳوٺن ۾ اڪين جون بيماريون به وڏي رهيون آهن. مون سيڪريٽري بحاليءَ کي هدايتون ڏنيون آهن ته اهڙا هيلٿ ڪيئر يونٽ هر مهيني متاثر علاقن ۾ طبي ڪئمپون لڳائين ۽ اتي هن مرض ۾ مبتلا ماڻهن کي دوائن ۽ علاج جي مفت فراهمي ڪي يقيني بڻائين هن چيو ته ڪراچي جي ڳوٺن سميت سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا علاقا آهن جتي ايمبولينس جو پهچڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، ان حوالي سان قدم کنيا وڃن ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن پاران پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي گذريل حڪومت سنڌ جي بحالي واري ڪاتي ۾ بهتري لاءِ قدم کنيا آهن. هن وقت ريسڪيو 1122 ڪراچي سميت سموري سنڌ اندربهتر ڪم ڪري رهيو آهي هن چيو ته سنڌ جي بحالي واري ڪاتي تحت سموري صوبي ۾ 400 ڪان وڌيڪ ايمبولينسون موجود آهن ۽ اڃڪلهه انهن يونٽن ۾ 20 ضلعن اندر هيلٿ ڪيئر يونٽ ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن يونٽ جي خرابي يا غير استعمال جو ثبوت ملي ته اهو مون کي فراهم ڪيو وڃي، مان انهن جو پاڻ جائزو وٺندس. هن چيو ته جيڪڏهن ريسڪيو 1122 ۾ ڪو مسئلو آهي ته ان جي به نشاندهي ڪن. اينڊڙ عام چونڊن دوران سيڪيورٽي خطرن بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ نگران صوبائي وزير چيو آهي ته هن چيو ته اسان جي نگران صوبائي حڪومت سميت سموريون نگران حڪومتون ملڪ ۾ پرامن ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهن هن چيو ته سيڪيورٽي ٿريٽ جو خاتمو عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پيو هن چيو ته ڪي پي ڪي، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ به خطرا آهن. پرامن چونڊن کي روڪڻ بابت ڪوبه مقصد ناهي. تقريب کي خطاب ڪندي سيڪريٽري بحالي سنڌ پرويز احمد چيو ته اڄوڪي تقريب ۾ اسان سنڌ جي پنجن ضلعن کي موبائل هيلٿ ڪيئر يونٽ ڏئي رهيا آهيون.

بقايا ✻✻✻ 12

واري تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو سنڌ جي گورنر چيو ته مبارڪباد جا اصل مستحق اهي والدين آهن جن 16 سالن جي محنت ڪري اوهان کي پڙهايو. هن وڌيڪ چيو ته اڄوڪو ڏينهن اوهان جي زندگيءَ جو هڪ اهم سنگ ميل آهي، ڪڏهن به زندگي ۾ ٻن ماڻهن هڪ والدين ۽ ٻيو استاد کي ڪي نه وساريجو. گورنر سنڌ چيو ته اوهان 2024ع جي گريجوئيشن ڪلاس لامحدود امڪانن سان پريو هڪ نئين سفر جو آغاز ڪري رهيا آهيون. منهنجي دعا آهي ته مستقبل ۾ اهڙي طرح ڪاميابيون توهان جو مقدر بڻجن. گورنر سنڌ چيو ته ڇا اسان کي سلي معيار جي تعليم ڏني وئي آهي. هن چيو ته بهتر تعليم جي حوالي سان حسين ڏاود جو مثال اسان سامهون آهي. گورنر سنڌ چيو ته سلي تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جو ڪم آهي. اسان هڪ به ارب ڊالر لاءِ آءِ ايم ايف اڳيان هٿ ڦهلائڻ تي مجبور آهيون. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته اسان کي نااميدي واري ماحول مان نڪرڻو آهي، توهان کي ملڪ کي ڏکين حالتن مان ڪڍڻو آهي، هن چيو ته اسان کي فرقن ۾ ورهايو ويو آهي. اسان کي حق وٺڻو پوندو. هن چيو ته هاڻي پيو ڪو به مسيحا نه ايندو، پر اسان کي ئي هڪ بئي جو مسيحا بڻجڻو پوندو. سنڌ جي گورنر چيو ته اسان کي نااميدين ختم ڪرڻيون آهن. پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي سڪو آهي ته پنهنجي پاڙيسري ملڪن کان سکو. جيڪي ترقي ۾ اسان کان گهڻو اڳتي آهن. گورنر سنڌ چيو ته شاگرد جا گولڊ ميڊل پٽن تي نه لڳڻ گهرجن. پر انهن ڪامياب ٿيندڙ شاگردن کي ملڪ جي ترقي ۾ حصو وٺڻ گهرجي. هن چيو ته حڪمرانن اوهان کي صحيح رخ ناهي ٻڌايو، اسان کي پنهنجو درست ۽ ترقي وارو رخ ڳولڻو پوندو. هر نوجوان ٻاهر وڃڻ چاهي ٿو، اسان کي خاموشي توڙڻي پوندي.

بقايا ✻✻✻ 13

ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ عدالت وفاق کان اينڊڙ ٻڌڻي تي سمورن گم ٿيل جي گهر پهچڻ جي حتمي رپورٽ طلب ڪري ورتي. حڪم نامي ۾ عدالت چيو ته بلوچ گم ٿيل شاگردن جي بازيابي لاءِ عدالتي مهلت ۾ 13 فيبروري تائين واڌ ڪئي وڃي ٿي. وزيراعظم، گهرو سيڪريٽري، دفاع ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سربراهن کان هن وقت حلفي بيان نه پيا گهرون. چيڪڏهن گم ٿيل ماڻهو بازياب نه ٿيا ته اهي به حلفي بيان ڏيندا ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا ✻✻✻ 14

واحد ڊوگر جي اسٽاف کان فائل ڪسي فرار ٿيو. وڪيل احمد راجا ايڊووڪيٽ ٻڌايو ته اسان مڪمل فائل آر او واحد ڊوگر جي اسٽاف ميمبر وحيد کي جمع ڪرايو. آر او اين اي 55 واحد ڊوگر جي آفيس ۾ وحيد نالي اسٽاف ميمبر موجود هو هن ٻڌايو ته پوليس جي موجودگي ۾ اڃائل شخص پارٽي ٽڪيٽ ڪٽي فرار ٿيو. شخص جي روڪيو ويو پر ڪجهه دير کانپوءِ اڃائل ماڻهو ڪيس ڇڏائي ويا. شڪي شخص جي ويڊيو ناهيندڙ شخص کان موبائل فون به ڪسي وئي.

بقايا ✻✻✻ 15

ايس پي آر موجب اتر وزيرستان ۾ ڊيرا اسماعيل خان ۽ ڪجهي اطلاعن تي آپريشن ڪيا ويا. اتر وزيرستان جي علاقتي ميئر علي ۾ دهشتگرد ڪمانڊر تيسر عرف قادرمان ۽ ساٿي ساجد عرف سرڪندي مارجي ويا. بيان ۾ چيو ويو ته ڊيرا اسماعيل خان جي علاقتي ڪلاچي ۾ به سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس جي گڏيل آپريشن ۾ به دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار گولا ۽ بارود به مليو. جيڪي سيڪيورٽي فورسز تي حملن، شهرين کان پتي خوري ۽ انهن جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هئا.

بقايا ✻✻✻ 16

ٽي ويو پارٽي طرفان حمزا شهباز گروپ کي جونڊ ٽڪيٽون جاري نه ڪيون ويون. ڏريعن جو چوڻ آهي ته ڏکئي وقت ۾ پارٽي جو ساٿ ڏيندڙ ميمبرن کي ٽڪيٽون جاري ناهن ڪيون ويون. ڏريعن موجب ٽڪيٽ کان محروم ٿيندڙ حمزا شهباز جي حامين ۾ خواجا احمد احسان، اختر علي، وحيد عالم خان، طارق، چوڌري شهباز، ماجد ظهور، توصيف شاهه، رمضان صديق پٽي انهن ۾ خيرپور ميرس، نوابشاهه، نوشهروفيروز، ٽنڊو محمد خان ۽ شهيد بينظير آباد شامل آهن. جڏهن نه ان کان اڳ سنڌ جي 15 ضلعن ۾ اهڙا ميڊيڪل هيلٿ يونٽ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ جلد ئي باقي ضلعن ۾ 4 وڌيڪ يونٽ شامل ڪيا ويندا. هن چيو ته هي منصوبو 1800 ملين روپين جي لاڳت سان شروع ڪيو ويو آهي ۽ هي منصوبو هلندڙ مالي سال ۾ مڪمل ٿيندو. هي ميڊيڪل هيلٿ ڪيئر يونٽ روزانو صبح 8 وڳي کان منجهند 3 وڳي تائين ڪم ڪندا.

بقايا ✻✻✻ 17

چيو ته جنهن شهر ۾ سمنڊ آهي اتي پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي، جنهن ملڪ کي چڙي آزادي حاصل ڪئي ان جي ايڪسپورٽ سيني جي سامهون آهي. اسان سمورين جٽلينجن کي منهن ڏئي سگهون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ ڊائوڊ يونيورسٽي جي ڊگري ورهائڻ واري تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو سنڌ جي گورنر چيو ته مبارڪباد جا اصل مستحق اهي والدين آهن جن 16 سالن جي محنت ڪري اوهان کي پڙهايو. هن وڌيڪ چيو ته اڄوڪو ڏينهن اوهان جي زندگيءَ جو هڪ اهم سنگ ميل آهي، ڪڏهن به زندگي ۾ ٻن ماڻهن هڪ والدين ۽ ٻيو استاد کي ڪي نه وساريجو. گورنر سنڌ چيو ته اوهان 2024ع جي گريجوئيشن ڪلاس لامحدود امڪانن سان پريو هڪ نئين سفر جو آغاز ڪري رهيا آهيون. منهنجي دعا آهي ته مستقبل ۾ اهڙي طرح ڪاميابيون توهان جو مقدر بڻجن. گورنر سنڌ چيو ته ڇا اسان کي سلي معيار جي تعليم ڏني وئي آهي. هن چيو ته بهتر تعليم جي حوالي سان حسين ڏاود جو مثال اسان سامهون آهي. گورنر سنڌ چيو ته سلي تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جو ڪم آهي. اسان هڪ به ارب ڊالر لاءِ آءِ ايم ايف اڳيان هٿ ڦهلائڻ تي مجبور آهيون. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته اسان کي نااميدي واري ماحول مان نڪرڻو آهي، توهان کي ملڪ کي ڏکين حالتن مان ڪڍڻو آهي، هن چيو ته اسان کي فرقن ۾ ورهايو ويو آهي. اسان کي حق وٺڻو پوندو. هن چيو ته هاڻي پيو ڪو به مسيحا نه ايندو، پر اسان کي ئي هڪ بئي جو مسيحا بڻجڻو پوندو. سنڌ جي گورنر چيو ته اسان کي نااميدين ختم ڪرڻيون آهن. پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي سڪو آهي ته پنهنجي پاڙيسري ملڪن کان سکو. جيڪي ترقي ۾ اسان کان گهڻو اڳتي آهن. گورنر سنڌ چيو ته شاگرد جا گولڊ ميڊل پٽن تي نه لڳڻ گهرجن. پر انهن ڪامياب ٿيندڙ شاگردن کي ملڪ جي ترقي ۾ حصو وٺڻ گهرجي. هن چيو ته حڪمرانن اوهان کي صحيح رخ ناهي ٻڌايو، اسان کي پنهنجو درست ۽ ترقي وارو رخ ڳولڻو پوندو. هر نوجوان ٻاهر وڃڻ چاهي ٿو، اسان کي خاموشي توڙڻي پوندي.

بقايا ✻✻✻ 18

هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي اپيل تي ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ جي ڪنساوءِ گهاڻائڻ شروع ڪيو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ نياز الله نيازي کي روڪيندي چيو ته اسان توهان سان نه ٿا گهاڻهيون. توهان جي وڪيل سان گهاڻهيون. نياز الله نيازي چيو ته اهي گهاڻهيون نه ڪيو ته پارٽيءَ ۾ نوان چهرا ڪيئن آيا. مان پارٽي ۾ 2006 کان آهيان ۽ 3 سال ايڊووڪيٽ جنرل به رهيو آهيان. پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر علي خان ۽ وڪيل علي ظفر پاران به نياز الله نيازي کي گهاڻهائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، نياز الله نيازي چيف جسٽس تي الزام هڻندي چيو ته منهنجو پٽ توهان وٽ ڪلارڪ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آيو توهان هن کان به پي ٽي آءِ جي باري ۾ سوال ڪيا. مون کي خبر آهي ته مون سان ائين چو پيو ٿئي، چيف جسٽس علي ظفر کي مخاطب ٿيندي چيو ته چا اسان هن کي نوٽيس جاري ڪيون؟. علي ظفر چيو ته مان معافي ٿو ڙناڻ، چيف جسٽس چيو ته اسان سوال سمجهڻ لاءِ ئي پڇندا آهيون. اهڙو رويو رکڻو آهي ته پوءِ اسان ڪيس نه ٻڌا ٻڌون. لاڳيو نشريات هلي رهي آهي ۽ الزام هنيو ويو، نياز الله نيازي جو پٽ نه هن مون وٽ ڪڏهن انٽرويو ڏيڻ نه آيو آهي

بقايا ✻✻✻ 19

وقت تي ٽينڊرين پر 10 ڏينهن اهم آهن، ڪجهه به تي سگهي ٿو هن چيو ته ججن جي استعفيٰ جو عمل مستقبل لاءِ سلو نه هوندو. احتساب سيني جو تيئن گهرجي ۽ سڀ ڏسي رهيا آهن ته احتساب ٿي رهيو آهي سندس چوڻ هو ته ن ليگ اڳ جيان مقبول ناهي رهي. جڏهن ته بين جماعتن جي ناراض ماڻهن جي اڄڻ سان پ پ کي فائدو ٿي رهيو آهي منظور رسان چيو ته وزارت عظميٰ لاءِ اڳ ۾ مقابلو سخت نظر اچي رهيو هو پر هاڻ نه. هاڻ صورتحال بلاول پٽو جي حق ۾ ٿي رجي، عوام جي خواهش آهي ته هاڻ نوجوان اڳتي اچن.

بقايا ✻✻✻ 20

ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پيٽرول جي خريداري تي پريميم به گهٽ ٿيو آهي. مارڪيٽ ڏريعن موجب گذريل 2 هفتن دوران عالمي سطح تي پيٽرول جي قيمت 84.50 ڊالر في بيرل کان گهٽ ٿي 83 ڊالر في بيرل تي اچي وئي آهي. جڏهن ته ڊيزل 97 ڊالر في بيرل مان گهٽ ٿي 95.85 ڊالر في بيرل تي اچي ويو آهي. ڏريعن ٻڌايو آهي ته قيمتن ۾ 10 روپين تائين لاٿ جو امڪان آهي. پيٽرول گهٽ ۾ گهٽ 9 روپيه في ليٽر ۽ ڊيزل 2 روپيه في ليٽر سستو ٿيڻ جو امڪان آهي. گاسليٽ ۽ لائيٽ ڊيزل آئل جي قيمتن ۾ به تقريبن 2 روپيه في ليٽر لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 21

اقتدار ۾ اچي

بقايا | سنڌيار | 01

شراب هٿ. شڪي موٽرسائيڪل کي پڻ پوليس قبضي ۾ ڀڻي ڇڏيو لاوارث حالت ۾ بيلل مهراڻ ڪار ڪي ٽمبئي پوليس ۾ ونڊي قلم 550 تحت چالان ڪيو ويو. تفصيل موجب ايس ايس پي سانگهڙ ڪيپٽن صدام حسين جي اڳواڻي ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ ايس ايچ او ڪاهي رياض حسين مهيسر جوري ٽيل روڊ هٿ ڪرڻ لاءِ ڇھي اطلاع تي ٻڌايل هنڌ تي ڇاپو هڻي 15 روڊن هٿ ڪيون جن جي قيمت لکن ۾ آهي هٿ آيل رڻ ڪي اصل مالڪ محمد حسين منگريجو حوالي ڪيو ويو. ٻئي پاسي ايس ايچ او تنڊوآدم امتياز علي کهاڙو ڏاڙي ڪيس ۾ رويوش جابلدار عابد علي کي گرفتار ڪري ورتو هڪ ٻئي ڪاروائي ۾ رميش ڪمار جي ٽمبئي ناهڻ واري پٽي تي چاپو هڻي 100 ليٽر ڪان وڏيڪ شراب هٿ ڪري ورتي ۽ جوابدار ڪي گرفتار ڪري، ٻني کي ڀاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ اڻ تيار ٽيل شراب کي موقعي تي ئي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ ٻني تي بيلل هڪ شڪي موٽر سائيڪل کي به پوليس قبضي ۾ ورتو جڏهن ته تشين ڪاروائي دوران منشيات فروش عمران علي انصاري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 10 ليٽر شراب ۽ پارسل ڪرڻ واريون ٿهليون هٿ ڪري ورتيون هوڏانهن ايس ايچ او بيرومل منير احمد جتوئي لاوارث حالت ۾ بيلل شڪي مهراڻ ڪار کي ٽمبئي پوليس ۾ ونڊي قلم 550 تحت چالان ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ايس ايچ او شاهپور چاڪر راجا نويد سرفراز منشيات فروش رزاق مري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 20 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪري ورتو.

بقايا | سنڌيار | 02

ڊي ۽ منعقد ڪيل افتتاحي تقريب ۾ نگران وڏي وزير راڻڙو جسٽس مقبول باقر منعقد تقريب ۾ ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ فالج جي علاج جي سخت ڪورس برقرار آهي. ملڪ ۾ فالج جو ريشو تمام گهڻو آهي. ملڪ ۾ فالج جي مريضن جي تعداد ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ۽ خاص طور تي نوجوانن ۾ اهم مرض تيزي سان ڦهلجي رهيو آهي جيڪا گهڻي جوکي ڳالهه آهي. جنهن جي روڪٿام لاءِ اسان کي وڏيڪ قدر کڻڻا پوندا. هن چيو ته اين آئي سي يو ڊي 2021 ۾ فالج جي علاج لاءِ باقاعدا ٺهيل هيو. گذريل پن سالن ۾ فالج جي 4 هزار کان مٿي مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي. هاڻي اين آئي سي يو ڊي بهترين قدر ڪندي ايس آءِ سي يو ڊي تنڊو محمد خان ۽ ايس آءِ سي يو ڊي سکر ۽ استروڪ سروس شروع ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا آهن، تقريب کي ڪراچي کان آيل ايس آئي سي يو ڊي پروگرام جي هيڊ پروفيسر ڊاڪٽر جاويد اڪبر سيال، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر عرفان امجد لطفي، اين آئي سي يو ڊي تنڊو محمد خان جي هيڊ ڊاڪٽر غضنفر شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جي تعاون سان تنڊو محمد خان جي اين آئي سي يو ڊي ۽ اين آئي سي يو ڊي پروگرام جو آغاز ڪيو ويو آهي. فالج جي بيماري ۾ مبتلا هڪ مريض ته پر سندن پورو خاندان متاثر ٿئي ٿو. جنهن جو مفت علاج ڪنهن نعمت کان گهٽ ڪونهي. فالج جي فوري علاج سان نه صرف تنڊو محمد خان ضلعو پر ان جي پرياسي وارن ضلعن جي علاڪن ۾ رهندڙ ماڻهو پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هنن چيو ته فالج جي بيماري ۾ مبتلا مريض کي 4 کان 6 ڪلاڪن تائين فوري طبي امداد حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي جيڪا سهوليت هاڻي تنڊو محمد خان ضلعي جي عوام کي هاڻي ملي وئي آهي. ان موقعي تي ميڊم نور شاهه ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا | سنڌيار | 03

ايس ايچ حسن شهيد ايس ايچ او هالاڻي ايس ايچ او پريا سان وڏي نفري وٺي سر زمين تي اچي زمين جي مالڪن سڪندر ڏهراڄ ' غلام عباس ۽ وڪيل مظفر علي ڏهراڄ ۽ ٻين خاندانن جي موجودگي ۾ زمين جو جائزو ورتو جتي ثابت ٿي ويو ته مخالف ڌر ملل پيرزاده ۽ ٻين ڊيڪياڻي ۾ پٽيشنر جي زرعي زمين سروي نمبر 390 & 391 تي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن جي پڄڪڙي ڪندي ناجائز قبضو ڪري زمين ۾ نصل ڪاهيو آهي جو اهڙي رپورٽ ڌرين جي موجودگي ۾ تيار ڪئي وئي. واضح رهي ته انهي زمين تي سڪرهاءِ ڪورٽ پوليس پڪٽ جو آرڊر پڻ ڪيو هيو پر لوڪل پوليس جي نااهلي ۽ ملي پڪٽ جي ڪري ان آرڊر تي به عمل ٿي نه سگهيو ۽ پيرزاده ڌر بغير ڪنهن خوف جي ڪورٽن جي آرڊرن کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو ۽ پٽيشنر جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي ۽ ڪين موتمار ڏمڪيون پڻ ڏيننا رهن ٿا

بقايا | سنڌيار | 04

تماشائي ٻڦيل نئون نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو مويا شهر ۽ ان جي پرپاسي وارن علاڪن ۾ منشيات مين پڙي ڪنڊچرس آفيسر ۽ ڪجي شراب جو سوين بليون قائم منشيات فروشن کي ڪليل نموني قانوني چوٽ حاصل هجڻ ڪري مويا شهر منشيات ۽ ٻين سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو ڪجي شراب جا سليز مين ڏينهن ڏني جو بنا ڪنهن خوف جي موٽر سائيڪلن تي چڙهي ڪجي شراب جا ڪٽا پري هور ڊيليوري ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن پر پوليس کي سڀ خبر هوندي به منشيات فروشن خلاف ڪابه عملي قانوني ڪارائي ناهي ٿي سگهي جڏهن ته اهم ذريعن موجب ايس ايچ او مويا مختلف منشيات فروشن کان 95 هزار روپيا لڪ چپ ۽ هفتو وصولي ڪري رهيو آهي پوليس جي اهڙي ڪڏي عمل سان سماجي برائين تيزي سان جنم وٺي رهيون آهن پي طرف ساڄاڻ وندن پاران ايس ايس پي تنڊو محمد خان کان مطالبي جي گهر ڪندي اپيل ڪئي آهي ته مويا امن جو شهر آهي جنهن کي هٿ وٺي ايس ايچ او مويا شهر سميت عام ماڻهن شاڪدون جو ماحول خراب ڪري رهيو آهي هنن جو وڏيڪ چرچ آهي ته منشيات فروشن جي سائاري ايس ايچ او مويا کي فوري طور هٽايو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي هڪ فرض شناس آفيسر کي مقرر ڪري هتان جي پرامن ماحول کي گندگي مان نجات ڏياري امن قائم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 05

عذرخواهيون ڪيون. اڪمل خان لغاري ميرپور ماٿيلو جي مختلف ماڻهن استاد گلبهار ڪلهوڙو، غلام سرور سيال، عطا حسين سيال، محمد قاسم سيال، محمد نواز گوياڻگ، نظر محمد ناتوري، غلام حيدر ناتوري ۽ باگو پٽو پهچي عذرخواهي ڪئي. سردار اڪمل خان لغاري سان مختلف برادري جي ماڻهن پاران جنرل الڪشن ۾ سات ڏينهن جو وچن سردار ڪمل خان لغاري چيو ته منهنجو والد سردار نادر اڪمل خان لغاري پنهنجي تڪ جي عوام جي بي لوٽ خدمت ڪرڻ چاهي ٿو. تڪ جي عوام اسان سان محبت ڪري ٿي انشاءالله ڪاميابي ٿيڻ بعد اسان پنهنجي تڪ جي عوام جي ڏڪ محبت وار قرض کي پنهنجو فرض سمجهي لاهينداسين. ٻي طرف سردار محمد اڪمل خان لغاري جام عبدالفتاح سميجو صاحب جي رهائشگاهه آفتح تائين پهچي ويو جتي ايس ايس پي جي اڳواڻي جام عبدالفتاح سميجو پاران حمايت جو اعلان ڪرڻ تي شڪريه ادا ڪيو ان موقعي تي حاجي پير بخش پٽي، ماهي خان، حاجي اعجاز پٽي، جوڙيو فيصل رشيد، ليائت اعوان، شاهد حسين ڪوهر بي موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 06

فيلڊ ۾ موجود پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته هو ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته پنج سالن کان گهٽ عمر جو ڪوبه ٻار پوليو جي ڦڙا پيارڻ کان هرگز نه رهجي ۔ هن جن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارا ويا هئا انهن جي فنگر مارڪنگ پڻ چيڪ ڪئي ۽ پوليو ورڪر کي سختي سان هدايت ڪئي ته پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري فنگر مارڪنگ انتهائي احتياط سان ڪيو وڃي ته جيئن مانيٽرنگ ٽيمن کي صحيح عدد ۽ شمار ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه پريشاني نه ٿئي. هن پوليو ٽيمن کي بهتر ڪم ڪرڻ تي شاباس ڏيندي چيو ته هو هر ٻار کي پنهنجو ٻار سمجهي هن مهم کي قومي فريضي طور انجام ڏنو وڃي ته جيئن هن ملڪ کي پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري کان پاڪ ڪري سگهجي. ان موقعي تي هن والدين کي پڻ اپيل ڪئي ته پوليو مهم دوران پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءِ جا 2 ڦڙا ضرور پيارين ۽ سندس علاڪن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ ضلعي ٿئي کي پوليو کان پاڪ ضلعو بڻائڻ ۾ هڪ ذميوار شهري جو ثبوت ڏيڻ سان گڏ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪن ۔ ياد رهي ته 8 جنوري کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءِ واري قومي مهم 14 جنوري 2024 تائين جاري رهندي

بقايا | سنڌيار | 07

چاڪاڻ جو هيوي ٽرئفڪ هلڻ سبب روڊ تي روزانو ڪيترائي حادثا ٿي رهيا آهن جنهن سان انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. هنن نيشنل هائي وي اٿارٽي جي اعليٰ اختيارين سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته جلد کان جلد نٽو وايا حيدرآباد روڊ کي ڊبل ڪري انسانين جانين کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي. هنن صحافين کي پڻ اپيل ڪئي ته هو پنهنجو ڏمپاورين نيائي نٽو وايا حيدرآباد روڊ جي مسئلن کي اجاگر ڪن. جيئن جلد کان جلد هي روڊ کي ڊبل ڪري انسانين جانين کي وڌيڪ ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجي

بقايا | سنڌيار | 08

نقشبندي قدس سره جن جو 88 هون سالياڻو عرس مبارڪ درگاهه عاليه لواري شريف تي نهايت عقيدت و احترام سان ملهايو ويو.جنهن ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙ ڪان درگاهه عاليه لواري شريف جي مريدن ۽ معتقدن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.جن ۾ پيرين پنڌ قافلا پڻ وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. عرس شريف جون تقريبات صبح جو فجر جي نماز کان شروع ٿيون. ظهر نماز بعد قرآن خواني ۽ تسبيح بعد حمد وثنا تي جنهن ۾ پاڪ فوج ۽ وطن عزيز جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا ٻن گهري وئي. عرس شريف جون تقريبات مغرب نماز تائين جاري رهيون .جڏهن ته عرس شريف جا مڪمل انتظامات موجوده سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي پاران ڪيا ويا. ان موقعي تي آيل مريدن ۽ عقيدتمندن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهه عاليه لواري شريف برصغير جي نقشبندي سلسلي جي وڏي ۽ وڏي درگاهه آهي الله جي ولين جي آستاني تي حاضري ڏيڻ سان روحاني سڪون ملي ٿو. جڏهن ته ضلع انتظاميه پاران سڪيورٽي جو بهتر انتظام ڪيو ويو. عرس شريف تي آيل مريدن ۽ عقيدتمندن لاءِ لنگر سجو ڏينهن جاري رهيو. عرس شريف جا انتظامات سنڀالڻ ۽ نشات تنظيم جماعت لواري شريف ۽ نشات گرلز ونگ جماعت لواري شريف جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن بخوبي خدمتون سرانجام ڏنيون. لواري شريف کان علاوه درگاهه شريف حضرت قاضي احمد رح ۽ اسلام قلب ڪراچي ۽ پڻ عرس شريف نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

بقايا | سنڌيار | 09

ماٽلي ۾ واپارين هڪ هلي قائم ڪندي ڪاڻي پيتي جي شين جا اڳهه پنهنجي مرضي جا مقرر ڪري ڇڏيا آهن اٽو، گهه، ڪنڊ، داليون، چانور، سبزي، گوشت، مچي وغيره پنهنجي مرضي جي ريٽ تي وڪرو ڪري رهيا آهن جنهنڪري غريب ڏهاڙي دار طبقو پيٽ ڀرڻ کان ڪانئ ڪان لاچار آهي جڏهن ته هتان جون اختياريون آڳهون ٽنڊ سنبل آهن هتان جي رهواسين ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته ماٽلي ۾ هڙادو مهنگائي جو نوٽيس وٺي واپارين کي ريٽ لسٽن تي آڳهه وصول ڪرڻ جو پابند بڻائي غريب طبقي کي به ويلا پيٽ پري کائڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا | سنڌيار | 10

حد ۾ 23 ڏينهن اڳ ڳوٺ نظر علي ڳڏائي واسي ناري شاهدان ڳڏائي ڪريم داد ڳڏائي واسي نوجوان سڌير ڳڏائي سان مبينا پسند جو پرڻو ڪيو هو. پرڻي واري معاملي تان ناري واري جي ماڻهن نوجوان واري ذر مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ نوجوان نيڪ محمد ڳڏائي گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن خانپورمهر جي شيخ همدان بن محمد اسپتال خانپورمهر آندو ويو جتي زخمي نوجوان نيڪ محمد جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ بعد ڪيس وارث ڪٽائي اسپتال رحيميارخان اسپتال منتقل ڪيو ويو واضح رهي ته ته ناري شاهدان ڳڏائي جي اغوا جو ڪيس خانپورمهر تائي جي 7 جوابدارن خلاف ناري جي پاڻ محمد علي ڳڏائي جي فرياد داخل ڪيو ويو هن ڪيس ۾ جوابدارن سڌير ڳڏائي علي خان محمد امداد نادر علي، نادر علي حبيب علي ڳڏائي شامل آهن زخمي نوجوان جي ماءُ مائي رشيدان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو ناري شاهدان ۽ نوجوان سڌير ڳڏائي واري ذر سان ڪوبه تعلق نه آهي منهنجي پٽ ڳاهه تي ٻيلو هو جنهي فائرنگ ڪري ڪيس زخمي ڪيو ويو آهي هوڏانهن خانپورمهر پوليس چوڻ آهي ته معاملي جي ڇاڻ ڪري رهيا آهيون وڌيڪ ڪارروائي به ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 11

جا ڏميوار آهن جن جا ماڻهون ڪم ڪرڻ نه پيا ڏين جنهن جي ڪري شهدادڪوٽ تباهه آهي. مير مظفر برهمي پنهنجي رهائيش گاهه تي پر هجوم پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي کان الهدڦي ڪندي پارٽي کان لاتعلقي جو اظهار ڪيو. هن چيو ته مان 2 سال اڳ هم خيال دوستن تي صلاح سان شهدادڪوٽ جي بهتري لاءِ چارٽ آف ڊمارنٽ جي منظوري لاءِ پيپلزپارٽي ۾ شموليت ڪئي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته پيپلزپارٽي ملڪ وڏي جماعتن مان هڪ آهي ان کا ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. اسان به پارٽي ٽيڪٽ لاءِ درخواست ڏني. پيپلز پارٽي جو چيئرمين شهدادڪوٽ جي قومي تڪ ايڻ آي 196 تان اليڪشن ۾ حصو وٺي پيو جنهن جي ڪري مون قومي سيٽ تان اڻ جي حق ۾ هٽ ڪيو. مير نادر مگسي پيپلز پارٽي جو پرانو ۽ طاقتور ماڻهون آهي جنهن جي حق ۾ پارٽي هٽ ڪئي له تمام گهڻو زور وڌو پر مون اڻ جي حق ۾ هٽ ڪيو پر مون کي جيو ويو ته اوهان بلاول پٽو زرداري جي اليڪشن ڪمپين مير نادر مگسي جي ٻنگلي کان هلندي جنهن ۾ اوهان کي انهن سان هلڻو پوندو جيڪو پارٽي جو فيصلو آهي جيڪو اوهان کي مجبور پوندو پر مون انڪار ڪيو ۽ نئڊيو هائوس کان نڪري آيس. مون پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪري پڇتايو هن چيو ته شهدادڪوٽ نه پر سموري سنڌ جي بدقسمتي آهي جو پيپلز پارٽي جي سامهون مضبوط اپوزيشن نه آئي سگهيا آهن هن چيو ته شهدادڪوٽ جا ماڻهون مون سان گڏ هوندا ته مون جي ڪيريئر کي ڪو به نقصان نه ٿيندو. تازي برسات ۾ اسان جا ماڻهون روڻن، رسنن تي ڙلندا رهيا پر هني ڪير به انهن جي مالڪي نه ڪئي، هن چيو ته ڪجي پل چوڪي وٺان هٽ سان ڪٽ ڏنا ويا جنهن جي ڪري ماڻهون ڙلندا رهيا. بلوچستان جي پاسي کان حت ڏني ماڻهون کي ڙلايو ويو. مان به سال پيپلز پارٽي ۾ رهيس پر هڪ صوبيدار به نه رکرايو نه ئي بدلي ڪرايو. مون پارٽي ۾ وڃي وڏي معيار کئي، مان پيپلز پارٽي کان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو ۽ پي ايس 14 تان پيپلز پارٽي خلاف نادر مگسي سامهون اليڪشن وڙهڻ جو اعلان ڪيان ٿو ۽ جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان اليڪشن ۾ حصو وٺندس جنهن جي تڪيت به مون کي ملي وئي آهي جيڪا جمع ڪرائڻ ويا آهن. هن چيو ته ڪوشش ڪري هڪ اميدوار بيهارينداسين ميڊيم ناهيد کهاوڙ جون وڏيون محنتون آهن جو اهڙي ڏکي وقت ۾ به هو پنهنجي پارٽي سان بيٺي آهي اسان ميڊم ناهيد کهاوڙ ڏي به لٽڪهي ريندا سين. قومي سيٽ تي جي يو آءِ جي سپورٽ ڪنداسين ۽ هو پي ايس تي اسان جي سپورٽ ڪندا شهدادڪوٽ جي عوام کي اپيل ڪندس ته 2024 جي اليڪشن ۾ مون کي موقعو ڏئي. هڪ سوال جي جواب ۾ مير مظفر برهمي چيو ته پيپلز پارٽي شهدادڪوٽ جي ترقي لاءِ تمام گهڻي بحيث ڏني آهي پر ڪر ناهي ٿيو مون کي چيو ويو ته توهان نوجوان آهيو ڪراچي جي ڪلشن ميمار جي پي ايس تان اوهان اليڪشن ۾ حصو وٺو پر جو برهمي برادري جو تمام گهڻو ووٽ آهي پر مون انڪار ڪيو ۽ مان پنهنجي اباڻي گهر کان اليڪشن ۾ حصو وٺن پٽي گهريو. مان پارٽي چڏڻ نه پيو چاهيان. مان جي ڊي اي ۾ واپس گهر آيس. ٻن سالن تائين پيپلزپارٽي به قبول نه ڪيو. مون کي نادر مگسي کان شڪايت هئي ته هو ڪم ڪري پر هو ڪم نه پيو ڪري ادارن ۾ اير پي اي جا خاص ماڻهون ويٺا آهن جيڪي ڪم ڪرڻ نه پيا ڏين. شهدادڪوٽ جو مسئلو سياسي آهي ان هو حل به سياسي ٿي آهي جڏهن هي ان سسٽم کان ٻاهر ٿين ته پوءِ شهدادڪوٽ جو پولوٽيندو. هن چيو ته ڪاني پارٽين آڇيو ته اسان جي پارٽي جي ٽڪيٽ جي اليڪشن ۾ حصو وٺو پر مون جي ڊي اي کي پسند ڪيو پر جو جي ڊي اي هڪ الاڻيتي آهي ان ڪري مان جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان وڙهيو هيس

بقايا | سنڌيار | 12

سان انصاف نه ٿي سگهيو. هن وقت تائين مقتول جو لاش به وارثن کي نه ملي سگهيو. مقتول جي وارث امڙ نوربيبي قرآن پاڪ سان ڪٽي وارهه شهر جي معزز شخصيت مذهبي اڳواڻ مولوي ميرحسن بروهي وٽ ڏانهن ڪٽي پهتي. انصاف ۽ ڀيٽ بادي جي گهر ڪئي ان موقعي تي مولوي ميرحسن بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته امڙ سان ظلم ٿيو آهي جيڪر نابرداش جهڙو آهي بيگناه قتل ڪري لاش گم ڪري وحشي ظالم ٿيڻ جو ثبوت ڏنو اٿن ايتري اندهير ننگري بيگناه نوجوان جو قتل ڪري وري لاش گم ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي. هن ملڪ جي قانوني ادارن کان گهر ڪئي ته هن مظلوم امڙ جنهن جو نوجوان پٽ بيگناه قتل ڪري بادي گم ڪري ڇڏي اٿن پهريان ته قتل ٿيل نوجوان علي احمد جي بادي ظاهر ڪرائي وارثن کي ڏني وڃي ۽ قتل ۾ ملوث سيني جوابدارن کي ناسي ڏئي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي امڙ دانهنبندي جيو ته مونکي منهنجي پٽ جي بادي ڏني وڃي مونکي علي مردان شهر مان هوٽل جي چت مٿان لڳل سولر پليٽون چوري، ڳوٺ غلام حسين شر مان جبار شرجي گهر مان چوري پلوڙ مينهن چوري ڪري ويا تفصيل موجب خانپور تعلقي ۾ چورن ۽ ڏوهارين جو اوج برقرار ٻڌاميءَ جوٽ جڙهيل خانپور ڪاٽي جي حد سومرا محلا پرسان عمران سيناريءَ زمين ۾ لڳل بجليءَ وارو پائپ وارو نامعلوم چور پٽي ڪٽي ويا جڏهن تي رحيم آباد ڪاٽي جي حد رحيم آباد شهر ۾ نامعلوم چور هوٽل مٿان 3 سولر پليٽون چوري ڪري ويا جڏهن تي ساڳئي ڪاٽي جي حد ڳوٺ غلام حسين شر ۾ جبار شر جي گهر ۾ داخل ٿي پلوڙ مينهن چوري ڪري فرار ٿي ويا متاثرن پاران احتجاج ڪندي ڊانهيءَ ته ڪيتري عرصي کان خانپور تعلقو ڏوهارين حوالي ٿيل آڳي پوليس جي رت ڪمزور آهي ماڻهو روڻن رسنن ۾ هاڻي گهڻن ۾ به غير محفوظ بڻيل آهن هنن ڊي آئي جي لاڪائو ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جون چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا | سنڌيار | 13

ڊچ جي خلاف سچل ڳوٺ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو هڪ ٻئي واپو وڃي ڏوهر يونين جي صدر رياض مگريج کي نگران صوبائي وزير بلديات مبين جماڻي جي پاڻرائي حاصل آهي جنهن سبب پوليس کي شڪايتون ڪرڻ باوجود انهن جي خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي هن چيو ته اختيارن کان مطالبو ڪيو ته جوهر ڪامپليڪس يونين جي عهديدارن جي زيادتي جو سخت نوٽيس وٺي انهن جي خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي هن چيو ته جاڻايل معاملي لاءِ 20 جنوري تي ايس يو پي ڪراچي ويوزن جو اجلاس طلب ڪيو ويو جيڪي لاڳاپيل ادارن جوهر يونين جي اندر ويندل هٿياربند ماڻهن ۽ يونين جي عهديدارن رياض مگريج ۽ عامر مگسي خلاف ڪا ڪارروائي نه ڪئي ته پوءِ حڪمت عملي جوڙي سخت احتجاج ۽ تحريڪ هلائي ويندي

بقايا | سنڌيار | 14

ڳهرن تائين محدود ڪاروباري مرڪز نه ٿي سگهيا ڪوهيڙي ۽ ڏنڌ سبب تعليمي ادارن ۽ تدريسي عمل متاثر جڏهن ته سرڪاري آفيسن ۾ به ڪاروڻهوار نه هڻي سگهيو ڪوهيڙي جي وڏي سان انڊس هاءِ وي تي گاڏين جي رواڻگي پڻ متاثر رهي جڏهن ته ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ پوهڻيت پڻ ڪوهيڙي ۽ ڏنڌ سبب پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا ڏنڌ ۽ ڪوهيڙي سبب ميهڻ تعلقي جي تن گرڻ اسٽيشن ميهڻ ، راڻڌ ،فريدآباد گرڻ اسٽيشنن جا 18 فيڊر ترپ ٿي ويا بجلي جي فراهمي گذريل 8 ڪلاڪن کان بند پيل جڏهن ته گئيس ۽ واٽرسپلائ پائپ پڻ بند ٿي ويو جنهن سبب شهرين کي رڌ پچاءُ دوران مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ پئجي رهيو آهي

بقايا | سنڌيار | 23

صحت کاتي ڪي به اپاءَ نه ورتا. وڏيڪ گلن جهڙن ٻارڙن جون حياتيون داءُ تي لڳي ۽ يون. فوري طور نوٽيس وٺن جو مطاليبو. ڪاروشاهه ۽ پرپاسي جي علاقن ۾ گرڻ وايا تيزي سان ڦهلجي رهي آهي وگهي ڳوٺ عالم آباد جو رهواسي ٻارڙو علي جان شر فوت ٿي ويو جڏهن ته ڳوٺ ۾ ڪيترائي ٻارڙا ارڙي وايا ۾ ورتل آهن جنهنڪري ڳوٺائا ڳڻتي ۾ وٺل آهن ڳوٺائن خليل، منصور، ۽ مرتضي شرجو ڳوٺ آهي ته ڊي ايچ او نوشهروفيروز سميت صحت کاتي جي ڪامورن کي نڌاڻ ڪيترا پيرا اهڙيون ڪيترائيون ڪيون آهن پر صحت کاتي جي ناهلي جي ڪري ڳوٺ ۾ ٻارڙن کي ارڙي بچاءُ جا تڪا نه لڳا آهن جنهنڪري ڳوٺ ۾ ارڙي وايا تيزي سان ڦهلجي رهي آهي ارڙي وگهي اڄ هڪ ٻارڙو فوت ٿي ويو آهي ۽ ڪيترائي ٻارڙ وايا ۾ ورتل آهن ڳوٺائن نگران سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي جي کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ارڙي تي ضابطو آڻي وڏيڪ ضايع ٿيندڙ انساني جانيون بچايون وڃن نه ته هي صورت ۾ ڊي ايچ او نوشهروفيروز جي آفيس آڏو سخت احتجاج ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 24

سان ملاقات ڪري سنڌس حق ۾ هٿ ڪڻڻ بعد سنڌس مڪمل حمايت جي پڻ ڪيس خاطري ڪرائي ڇڏي آهي. ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل ٿٽو جا ميمبر سردار شرو، محب علي شرو، محمد حنيف ميمڻ سميت شورا برادريءَ جا ڪيترائي معززين پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته پ پ ب ملڪ جي وڏي پارٽي آهي، جنهن جي قائدين جمهوريت لاءِ قربانيون ڏيڻي جمهوريت کي مضبوط ڪيو آهي. هن چيو ته اڄ جيان هن واري ۾ عوام پ پ پ سان ساٿ نبهائي انهن جي سمورن اميدوارن کي ڪامياب ڪرائيندي. جيڪا ئي عوام جا سموريا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندا. هن شوريٰ برادري جي معززين جو تورو مجيندي چيو ته هنن مئس جيڪو اعتماد جو اظهار ڪيو آهي، هو ان کي اخري دم تائين نباهيندو رهندو. هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پ پ ب جي اميدوارن کي ووٽ ڏيڻي ڪامياب ڪرائين جيڪي ئي سندن سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪندا رهندا.

بقايا | سنڌيار | 25

۽ پارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي چرنڊ مهر هلائڻ تان ڪاوڙجي پيپلزپارٽي کي الوداع ڪري جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تان شهدادڪوٽ جي تڪ تي پيپلزپارٽي جي اميدوار مير نادر خان مگسي سان مقابلي ۾ بيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ، مظفر برهمي شهدادڪوٽ ۾ پريس ڪانفرنس دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي تباهي جو ذميوار پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول پٽو زرداري ۽ پي ايس 14 تي اڳوڻي ايم پي اي مير نادر خان مگسي کي قرار ڏيندي مقابلي ۾ بيهڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي ، سندن جو وڏيڪ جوڙ هو ته پيپلزپارٽي ۾ شموليت دوران پيپلزپارٽي پارٽي قيادت کي شهدادڪوٽ شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ چارٽ آف ڊمانڊ پيش ڪيو . اهي مسئلا حل نه ڪرڻ ۽ پارٽي قيادت پاران مير نادر خان مگسي تڪيٽ ڏيڻ تي پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي جوڙ مهر نادر مگسي کي ڏميواري ڏيڻ تان پيپلزپارٽي کي خير باد ڪندي نادر مگسي سان مقابلي ۾ بيهڻ جو اعلان ڪريان ٿو. مير مظفر برهمي جو چوڻ هو ته سال 2022 جي برساتي ٻوڏ ۾ قبو سعيد خان ڪجي پل ، شهدادڪوٽ سميت ٻين علاڪن کي برباد ڪيو ۽ نادر خان مگسي کي قرار ڏنو آهي ،ان لاءِ ته ڪ ۾ نادر خان مگسي جي حمايت ڪرڻ بجاءِ مقابلي ۾ جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي بيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ، اهڙي اعلان کانپوءِ پي ايس 14 تي دلجسب مقابلو ٿيندو

بقايا | سنڌيار | 26

هٿان قتل ٿيل نويد احمد سولنگي جي پيئرن مومل،سومل طاهره، طاهره سولنگي ۽ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو اي سيڪشن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي ڏاهيءَ ته اسان جي نوجوان پاڻ نويد سولنگي کي 15 ڏينهن اڳ مبينا طور تي سندس زال مختيار بيگم ۽ سالن وڪيل توفيق سولنگي فرزند علي خدا بخش عرف خدو سولنگي ۽ سالين مينا ۽ زرينه سولنگي گهر اندر پڪڙي بيدردي سان قتل ڪيو جنهن جي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ دادو سيڪنڊ سيشن جج جي عدالت ۾ اي بي جي درخواست ڏني آهي جنهن بعد مخالف اسان جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن ۽ مونمارڻ مڪيون ڏين پيا جنهن ڪري ڳوٺ مان پنهنجي جان بچائي پيئوي جي گهر ۾ تحفظ ورتو آهي. مخالف بااثر آهن جن پڇاڻ به ڪافي پيرا ڳوٺ ۾ ڳوٺائن تي وحشياڻو تشدد ڪري مرٽيئڪ ڪيو آهي.اسان جي پاڻ کي امڙ جي جماڻي تي قتل ڪري اسان جو واحد سهارو ڪسيو آهي.اسان کي دادو ڪورٽ ۾ انصاف جي اميد آهي باقي دادو پوليس پهري ڏينهن کان جوابدار جي ڌر بڻيل آهي، 15 جنوري تي ڪورٽ ۾ حاضري رکيل آهي جنهن تي دادو سيڪنڊ سيشن جج اسان جي 22 اي بي جو فيصلو ڏيندو.هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطاليو ڪيو ته فوري طور پاڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 27

قاضلي سان گڏ آرآو آفيس گولاڙچي تڪيٽ جمع ڪرائن بهتو،تڪيٽ جمع ڪرائن بعد جي ڊي اي اميدوار امير آزاد پنهور ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آيون جي ڊي اي قيادت ۽ پنهنجي پارٽي جي قيادت جو تمام گهڻو شڪر گذار آهيان خاص طور تي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ سندس فيملي جو ٿورائتو آهيان جن مون تي اعتماد ڪندي پي ايس 72 گولاڙچي تي مونکي تڪيٽ ڏنو ۽ آيون سمجهان ٿو ته هڪڙي پاسي اهي ماڻهو جيڪي اسانجي سامهون ٻيڻا آهن